القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمه الله

لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبد الكريم قريشي رحمه الله

ٻير شريف

سُوْرَةُ بَنِیْٓ اِسْرَآءِیْلَ مَکِّیَّةٌ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ○ | اٰیَاتُهَا ١١١ رُکُوْعَاتُهَا ١٢

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

سُبْحٰنَ الَّذِیْٓ اَسْرٰی بِعَبْدِهٖ لَیْلًا مِّنَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ

پاڪ آهي اها ذات جنهن سير ڪرايو پنهنجي ٻانهي کي رات جو بيت الله کان

اهو (الله) پاڪ آهي جنهن پنهنجي ٻانهي (محمد ﷺ) کي هڪڙي رات (جي اندر) تعظيم واريءَ مسجد (حرام) مان.

اِلَى الْمَسْجِدِ الْاَقْصَا الَّذِیْ بٰرَکْنَا حَوْلَهٗ لِنُرِیَهٗ مِنْ اٰیٰتِنَا ؕ اِنَّهٗ

بيت المقدس تائين اهو جو برڪت رکي سون ان جي چوڌاري جيئن ڏيکاريون کيس پنهنجون نشانيون، بيشڪ

انهيءَ مسجد اقصيٰ تائين، جنهن جي چوڌاري برڪت رکي سون، هن لاءِ سير ڪرايو ته کيس پنهنجيون نشانيون ڏيکاريون،

هُوَ السَّمِیْعُ الْبَصِیْرُ ① وَاٰتَیْنَا مُوْسَى الْکِتٰبَ وَجَعَلْنٰهُ هُدًى

اهوئي ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي. ۽ ڏنوسون موسيٰ کي ڪتاب ۽ ڪيوسون انکي هادي

بيشڪ اهوئي ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي. ۽ موسيٰ کي ڪتاب (توريت) ڏنوسون ۽ ان کي بني اسرائيلن لاءِ هدايت ڪرڻ وارو ڪيوسون

لِّبَنِیْٓ اِسْرَآءِیْلَ اَلَّا تَتَّخِذُوْا مِنْ دُوْنِیْ وَکِیْلًا ؕ ② ذُرِّیَّةَ مَنْ

بني اسرائيل لاءِ ته نه وٺو مون کان سواءِ ڪوئي ڪارساز. اي اولاد انهن جي جن کي

(۽ چيوسون) ته مون (الله) کان سواءِ (ٻيو) ڪو پرگهلو نه وٺو. اي (اُن قوم جو) اولاد! جن کي

حَمَلْنَا مَعَ نُوْحٍ ؕ اِنَّهٗ کَانَ عَبْدًا شَکُوْرًا ③ وَقَضَیْنَآ اِلٰى بَنِیْٓ

ڪنيون سون نوح سان گڏ، بيشڪ اهو هئو ٻانهو شڪرگذار. ۽ فيصلو ٻڌايوسون بني

نوح سان گڏ (ٻيڙيءَ ۾) چاڙهيوسون، بيشڪ اهو شاڪر ٻانهو هو. ۽ بني اسرائيلن ڏانهن (سندن) ڪتاب ۾

اِسْرَآءِیْلَ فِی الْکِتٰبِ لَتُفْسِدُنَّ فِی الْاَرْضِ مَرَّتَیْنِ وَلَتَعْلُنَّ

اسرائيل کي ڪتاب ۾ ته ضرور توهان وڳوڙ وجهندؤ ملڪ ۾ ٻه ڀيرا ۽ ضرور توهان ڪندؤ

(هي حڪم) موڪليوسون ته اوهين ملڪ ۾ ٻه ڀيرا ضرور فساد ڪندؤ ۽ اوهين ضرور وڏي سرڪشي ڪندؤ.

عُلُوًّا کَبِیْرًا ④ فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ اُوْلٰهُمَا بَعَثْنَا عَلَیْکُمْ عِبَادًا لَّنَآ

سرڪشي وڏي. پوءِ جڏهن ايندو موقعو پهريون ته اٿاريندا سون توهان تي ٻانها پنهنجا

پوءِ جڏهن ٻنهي مان پهريون انجام (فساد جو) ايندو (تڏهن) اوهان تي پنهنجا ڏاڍا سورهيه

اُولِیْ بَاْسٍ شَدِیْدٍ فَجَاسُوْا خِلٰلَ الدِّیَارِ ؕ وَکَانَ وَعْدًا مَّفْعُوْلًا ⑤

سخت لڙائي وارا پوءِ ڪاهي پوندا شهرن ۾، ۽ اهو وعدو پورو ٿيڻو آهي.

ٻانها ڪڙا ڪنداسون جي شهرن جي وچ ۾ ڪاهي پوندا، ۽ اِهو انجام (پورو) ٿيڻو آهي.

ثُمَّ رَدَدْنَا لَكُمُ الْكَرَّةَ عَلَيْهِمْ وَاَمْدَدْنٰكُمْ بِاَمْوَالٍ وَّبَنِيْنَ وَ

پوءِ ورايوسون توهان جو وارو انهن تي ۽ مدد ڏني سون توهان کي مالن سان ۽ پٽن سان ۽

وري اوهان کي هڪ ڀيرو مٿن غلبو ڏينداسون ۽ مال ۽ اولاد سان اوهان کي (لڳولڳ) وڌائينداسون ۽

جَعَلْنٰكُمْ اَكْثَرَ نَفِيْرًا ٦ اِنْ اَحْسَنْتُمْ اَحْسَنْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ قف

ڪيوسون توهان جو وڌو لشڪر. جيڪڏهن چڱائي ڪندؤ ته چڱائي ڪندؤ پاڻ سان،

اوهان جي لشڪر کي وڌائينداسون. جيڪڏهن اوهين چڱائي ڪندو ته (اها) پاڻ لاءِ چڱائي ڪندو

وَاِنْ اَسَاْتُمْ فَلَهَا ط فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ الْاٰخِرَةِ لِيَسُوْٓءٗا وُجُوْهَكُمْ

۽ جيڪڏهن بڇڙائي ڪندؤ ته پنهنجي لاءِ، پوءِ جڏهن ايندو موقعو ٻيو (ته اٿاريندا سون ٻيا) جيئن بڇڙو ڪن توهان جي منهن کي

۽ جيڪڏهن اوهين بڇڙائي ڪندو ته پاڻ لاءِ، پوءِ جڏهن ٻيو انجام (فساد جو) پهچندو ته ٻيا، اوهان جا منهن ارها ڪندا

وَلِيَدْخُلُوا الْمَسْجِدَ كَمَا دَخَلُوْهُ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّلِيُتَبِّرُوْا مَا عَلَوْا

۽ گهڙن مسجد ۾ جيئن گهڙيا هئا ان ۾ پهرئين ڀيري ۽ ويران ڪن ان کي جنهن تي وس هلين

۽ اهڙيءَ طرح مسجد ۾ گهڙندا جهڙيءَ طرح ان ۾ پهريون ڀيرو گهڙيا هئا ۽ جنهن تي غالب ٿيندا تنهن کي چڱيءَ طرح اجاڙيندا.

تَتْبِيْرًا ٧ عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يَّرْحَمَكُمْ ج وَاِنْ عُدْتُّمْ عُدْنَا م وَجَعَلْنَا وقف لازم

ويران پوري طرح اميد ته رب توهان جو رحم ڪندو توهان تي، ۽ جيڪڏهن ڦرندؤ ته اسان به ڦرنداسون ۽ ڪيو اٿئون

(چيو ويو ته) اوهان جو پالڻهار ويجهو ئي اوهان تي ٻاجهه ڪندو ۽ جيڪڏهن اوهين (ٽيون ڀيرو) ڦرندو ته اسين به (سزا ڏيڻ

جَهَنَّمَ لِلْكٰفِرِيْنَ حَصِيْرًا ٨ اِنَّ هٰذَا الْقُرْاٰنَ يَهْدِيْ لِلَّتِيْ

جهنم ڪافرن لاءِ بندي خانو. بيشڪ هيءُ قرآن ڏيکاري ٿو اها راهه

ڏانهن) ڦرنداسون. ۽ ڪافرن لاءِ دوزخ کي قيد خانو مقرر ڪيوسون. هيءُ قرآن انهيءَ (واٽ) ڏانهن رستو ڏيکاريندو آهي،

هِيَ اَقْوَمُ وَيُبَشِّرُ الْمُؤْمِنِيْنَ الَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ الصّٰلِحٰتِ اَنَّ

جيڪا سڌي آهي ۽ خوشخبري ڏئي ٿو ايمان وارن کي جيڪي ڪن ٿا چڱا ڪم ته

جيڪا ڏاڍي سڌي آهي ۽ انهن مومنن کي خوشخبري ڏيندو آهي جيڪي چڱا ڪم ڪندا آهن ته

لَهُمْ اَجْرًا كَبِيْرًا ٩ لا وَّاَنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ اَعْتَدْنَا

انهن لاءِ آهي ثواب وڏو ۽ يقينن جيڪي نه تا مڃين آخرت کي تيار ڪيوسون

انهن لاءِ بلڪل وڏو اجر آهي، ۽ جيڪي آخرت کي نه مڃيندا آهن تن لاءِ بلڪل ڏکوئيندڙ

لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ١٠ ع وَيَدْعُ الْاِنْسَانُ بِالشَّرِّ دُعَآءَهٗ بِالْخَيْرِ ط ع ١

انهن لاءِ عذاب دردناڪ ۽ گهري ٿو انسان برائي کي جيئن دعا گهرندو آهي ڀلائي لاءِ،

عذاب تيار ڪيو اٿئون. ۽ انسان برائيءَ کي (اهڙو) گهرندو آهي جهڙو ڀلائيءَ کي سندس گهرڻ هوندو آهي،

وَكَانَ الۡاِنۡسَانُ عَجُوۡلًا ⑪ وَجَعَلۡنَا الَّيۡلَ وَالنَّهَارَ اٰيَتَيۡنِ
۽ آهي انسان تکڙو. ۽ ڪيوسون رات ۽ ڏينهن کي ٻه نشانيون
۽ انسان اُبهرو (جلد باز) آهي. ۽ رات ۽ ڏينهن کي ٻه نشانيون ڪيوسون. پوءِ رات جي
فَمَحَوۡنَاۤ اٰيَةَ الَّيۡلِ وَجَعَلۡنَاۤ اٰيَةَ النَّهَارِ مُبۡصِرَةً لِّتَبۡتَغُوۡا فَضۡلًا
پوءِ ميساري سون نشاني رات واري ۽ ڪئي سون نشاني ڏينهن واري ڏيکاريندڙ جيئن طلب ڪريو فضل
نشاني کي ميٽايوسون ۽ ڏينهن جي نشاني کي هن لاءِ روشن ڪيوسون ته پنهنجي پالڻهار جو فضل ڳوليو
مِّنۡ رَّبِّكُمۡ وَلِتَعۡلَمُوۡا عَدَدَ السِّنِيۡنَ وَالۡحِسَابَ ؕ وَكُلَّ شَىۡءٍ
پنهنجي رب جو ۽ جيئن ڄاڻو انداز ورهين جو ۽ ليکو ڪرڻ، ۽ هر شيءِ
۽ (پڻ هن لاءِ) ته اوهين سالن جو ڳاڻاٽو ۽ حساب ڄاڻو. ۽ هر هڪ شيءِ جو
فَصَّلۡنٰهُ تَفۡصِيۡلًا ⑫ وَكُلَّ اِنۡسَانٍ اَلۡزَمۡنٰهُ طٰۤئِرَهٗ فِىۡ عُنُقِهٖ ؕ
بيان ڪئي سون ڪولي. ۽ هر انسان کي چنبڙائي سون سندس بدقسمتي ان جي ڪنڌ ۾،
تفصيلي بيان ڪيوسون. ۽ هر ماڻهو جي ڳچيءَ ۾ سندس عمل نامو ٻڌوسون، ۽ قيامت جي
وَنُخۡرِجُ لَهٗ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ كِتٰبًا يَّلۡقٰهُ مَنۡشُوۡرًا ⑬ اِقۡرَاۡ كِتٰبَكَ ؕ
۽ ظاهر ڪنداسون ان لاءِ قيامت ڏينهن ڪتاب ڏسندو انهيءَ کي کليل. پڙهه پنهنجو ڪتاب،
ڏينهن هڪ ڪتاب اِنهيءَ لاءِ ڪڍنداسون جو اُن کي کليل ملندو. (چيو ويندس ته) پنهنجو ڪتاب پڙهه!
كَفٰى بِنَفۡسِكَ الۡيَوۡمَ عَلَيۡكَ حَسِيۡبًا ⑭ؕ مَنِ اهۡتَدٰى فَاِنَّمَا
ڪافي آهي تنهنجو نفس اڄ توکان حساب وٺندڙ. جيڪو هدايت وٺندو سو
اڄ تنهنجو نفس ئي توتي حساب وٺندڙ ڪافي آهي. جيڪو هدايت وارو ٿيو اهو رڳو
يَهۡتَدِىۡ لِنَفۡسِهٖ ۚ وَمَنۡ ضَلَّ فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيۡهَا ؕ وَلَا تَزِرُ
هدايت وٺندو پنهنجي لاءِ، ۽ جيڪو گمراهه ٿيو اهو گمراهه ٿيو پاڻ تي، نه کڻندو ڪوئي
پاڻ لاءِ ئي هدايت وارو ٿيو ۽ جيڪو ڀُلو (گمراهه ٿيو) سو رڳو پاڻ لاءِ ڀُلندو. ۽ ڪو بار کڻندڙ ٻئي ڪنهن
وَازِرَةٌ وِّزۡرَ اُخۡرٰى ؕ وَمَا كُنَّا مُعَذِّبِيۡنَ حَتّٰى نَبۡعَثَ رَسُوۡلًا ⑮
بار کڻندڙ بار ٻئي جو، ۽ نه آهيون اسين عذاب ڪندڙ جيستائين موڪليون ڪنهن رسول کي.
جو بار نه کڻندو. ۽ اسين ايستائين عذاب ڪندڙ نه آهيون جيستائين ڪنهن پيغمبر کي (نه) موڪليون.
وَاِذَاۤ اَرَدۡنَاۤ اَنۡ نُّهۡلِكَ قَرۡيَةً اَمَرۡنَا مُتۡرَفِيۡهَا فَفَسَقُوۡا فِيۡهَا
۽ جڏهن گهرندا آهيون تباهه ڪرڻ ڪنهن ڳوٺ کي ته حڪم ڪندا آهيون اتان جي سرمائيدارن کي پوءِ اهي بي فرماني ڪندا آهن ان ۾
۽ جڏهن اسين ڪنهن ڳوٺ کي ناس ڪرڻ گهرندا آهيون (تڏهن) اُنهن مان آسودن کي حڪم ڪندا آهيون پوءِ منجهس

فَحَقَّ عَلَیۡهَا الۡقَوۡلُ فَدَمَّرۡنٰهَا تَدۡمِیۡرًا ﴿١٦﴾ وَكَمۡ اَهۡلَكۡنَا مِنَ

پوءِ ثابت ٿيندي انهيءَ تي سزا پوءِ ڪندا آهيون انکي بلڪل ويران. ۽ ڪيتريون ئي هلاڪ ڪيون سون

نافرماني ڪندا آهن تنهن ڪري مٿس عذاب لازم ٿيندو آهي، پوءِ چڱيءَ طرح ان جي پاڙ پٽيندا آهيون. ۽ ڪيترائي

الۡقُرُوۡنِ مِنۡۢ بَعۡدِ نُوۡحٍ ؕ وَكَفٰى بِرَبِّكَ بِذُنُوۡبِ عِبَادِهٖ خَبِیۡرًۢا

قومون نوح کان پوءِ، ۽ ڪافي آهي تنهنجو رب پنهنجي ٻانهن جي گناهن جي خبر رکندڙ

جهانن مان نوح کان پوءِ ناس ڪياسون، ۽ تنهنجو پالڻهار پنهنجن ٻانهن جي گناهن جي خبر رکندڙ ڏسندڙ ڪافي آهي.

بَصِیۡرًا ﴿١٧﴾ مَنۡ كَانَ یُرِیۡدُ الۡعَاجِلَةَ عَجَّلۡنَا لَهٗ فِیۡهَا مَا نَشَآءُ

ڏسندڙ. جيڪو ارادو ڪري ٿو هن دنيا جو جلد ڏيون ٿا ان کي ان ۾ جيڪي گهرون

جيڪو دنيا (جي آسودگي) گهرندو آهي تنهن کي منجهس جيڪي گهرندا آهيون سو جلد ڏيندا آهيون، جنهن لاءِ

لِمَنۡ نُّرِیۡدُ ثُمَّ جَعَلۡنَا لَهٗ جَهَنَّمَ ۚ یَصۡلٰىهَا مَذۡمُوۡمًا

جنهن لاءِ گهرون پوءِ ڪريون ٿا انهيءَ لاءِ دوزخ، پوندو ان ۾ خوار ٿي

گهرندا آهيون (تنهن کي ڏيندا آهيون) وري ان لاءِ دوزخ مقرر ڪيوسون، جنهن ۾ (هو) خوار (۽) تڙيل ٿي گهڙندو.

مَّدۡحُوۡرًا ﴿١٨﴾ وَمَنۡ اَرَادَ الۡاٰخِرَةَ وَسَعٰى لَهَا سَعۡیَهَا وَهُوَ

تڙيل ٿي. ۽ جيڪو چاهي ٿو آخرت ۽ ڪري ٿو انهيءَ لاءِ ڪوشش ۽ اهو

۽ جنهن آخرت گهري ۽ ان لاءِ چڱي ڪوشش ڪئي ۽ اهو مومن (بہ) هجي سي اُهي آهن

مُؤۡمِنٌ فَاُولٰٓىِٕكَ كَانَ سَعۡیُهُمۡ مَّشۡكُوۡرًا ﴿١٩﴾ كُلًّا نُّمِدُّ هٰۤؤُلَآءِ

ايمان وارو آهي تہ انهن جي آهي ڪوشش قبول ڪيل. هر ڪنهن کي مدد ڏيون ٿا هنن کي

جن جي ڪوشش قبول ٿيل آهي. هن ٽوليءَ جي ۽ هُن ٽوليءَ جي هرهڪ کي تنهنجي

وَهٰۤؤُلَآءِ مِنۡ عَطَآءِ رَبِّكَ ؕ وَمَا كَانَ عَطَآءُ رَبِّكَ مَحۡظُوۡرًا ﴿٢٠﴾

۽ هُنن کي تنهنجي رب جي بخشيش مان، ۽ ناهي بخشيش تنهنجي رب جي بند ٿيل.

پالڻهار جي بخشش مان لڳولڳ ڏيون ٿا، ۽ تنهنجي رب جي ذات ڪا روڪيل نہ آهي.

اُنۡظُرۡ كَیۡفَ فَضَّلۡنَا بَعۡضَهُمۡ عَلٰى بَعۡضٍ ؕ وَلَلۡاٰخِرَةُ اَكۡبَرُ

ڏس تہ ڪيئن وڌايوسون هڪڙن کي ڪن ٻين تي، ۽ آخرت وڏي آهي

ڏس تہ انهن مان هڪڙن کي ٻين کان (دنيا منجهہ رزق ۽ مرتبي ۾) ڪهڙي طرح پلو ڪيو اٿئون ۽ آخرت تہ

دَرَجٰتٍ وَّاَكۡبَرُ تَفۡضِیۡلًا ﴿٢١﴾ لَا تَجۡعَلۡ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَتَقۡعُدَ

درجن ۾ ۽ وڏي آهي فضيلت ۾. نہ ٺاهہ الله سان گڏ ٻيو خدا پوءِ ويهي رهندين

درجن جي ڪري بلڪل وڏي ۽ مان ڏيڻ ڪري بلڪل وڏيڪ آهي. (اي انسان تون) الله سان ٻيو ڪو معبود مقرر نہ

مَذْمُوْمًا مَّخْذُوْلًا ﴿٢٢﴾ وَقَضٰى رَبُّكَ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّآ اِيَّاهُ وَ

خوار ٿي بي وس ٿي. ۽ فيصلو ڪيو تنهنجي رب ته نه عبادت ڪريو مگر انهيءَ جي ۽

ڪر نه ته پشيمان (۽) خوار ٿي ويندين. ۽ تنهنجي پالڻهار حڪم ڪيو آهي ته انڪان سواءِ ٻئي ڪنهن جي عبادت نه

بِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ؕ اِمَّا يَبْلُغَنَّ عِنْدَكَ الْكِبَرَ اَحَدُهُمَآ اَوْ

ماءُ پيءُ سان ڀلائي ڪريو. جيڪڏهن پهچي تو وٽ ڪراڙپ کي ٻنهي مان ڪوئي يا

ڪريو ۽ ماءُ پيءُ سان نيڪي ڪريو. جيڪڏهن ٻنهي مان ڪو هڪڙو تنهنجي آڏو پوڙهائپ کي پهچي يا

كِلٰهُمَا فَلَا تَقُلْ لَّهُمَآ اُفٍّ وَّلَا تَنْهَرْهُمَا وَقُلْ لَّهُمَا قَوْلًا

اهي ٻئي پوءِ نه چئو انهن کي اُف ۽ نه جهڙڪ ڏي انهنکي ۽ ڳالهاءِ انهن سان ڳالهه

ٻئي ته ڪين تون اف (ٻه) نه چئج ۽ نڪي ڪين جهڙڪج ۽ ساڻن چڱي ڳالهه (أدب واري) ڳالهائج.

كَرِيْمًا ﴿٢٣﴾ وَاخْفِضْ لَهُمَا جَنَاحَ الذُّلِّ مِنَ الرَّحْمَةِ وَقُلْ

ادب واري. ۽ جهڪاءِ انهن لاءِ پر عاجزي جا ٻاجهه مان ۽ چئو

۽ انهن لاءِ عاجزي جون ٻانهون نرميءَ مان هيٺاهيون ڪج ۽چئج ته اي منهنجا پالڻهار! انهن تي (اُهڙي طرح) ٻاجهه

رَّبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّيٰنِيْ صَغِيْرًا ﴿٢٤﴾ؕ رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَا فِيْ نُفُوْسِكُمْ ؕ

اي پروردگار ٻاجهه ڪر انهن ٻنهي تي جيئن پالياؤن مونکي ننڍڙو ڪري. توهان جو رب وڌيڪ ڄاڻي ٿو ان کي جيڪي توهان جي دلين ۾ آهي.

ڪر جهڙيءَ طرح مون کي ننڍپڻ ۾ پالياؤن ٿي! جيڪي اوهان جي دلين ۾ آهي سو اوهان جو پالڻهار چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي.

اِنْ تَكُوْنُوْا صٰلِحِيْنَ فَاِنَّهٗ كَانَ لِلْاَوَّابِيْنَ غَفُوْرًا ﴿٢٥﴾ وَاٰتِ

جيڪڏهن توهان نيڪ هوندؤ پوءِ بيشڪ اهو توبهه وارن لاءِ بخشيندڙ آهي. ۽ ڏج

جيڪڏهن اوهين سڌريل هوندؤ (ته بخشيندو) ڇو ته الله توبهه ڪندڙن کي بخشڻهار آهي. ۽ مائٽي

ذَا الْقُرْبٰى حَقَّهٗ وَالْمِسْكِيْنَ وَابْنَ السَّبِيْلِ وَلَا تُبَذِّرْ تَبْذِيْرًا ﴿٢٦﴾

مائٽ کي سندس حق ۽ محتاج کي ۽ مسافر کي ۽ نه خرچ ڪر اجايو خرچ.

وارن ۽ مسڪينن کي ۽ مسافرن کي سندن حق ڏي ۽ اڌنگائيءَ سان اجايو نه وڃاءِ!.

اِنَّ الْمُبَذِّرِيْنَ كَانُوْٓا اِخْوَانَ الشَّيٰطِيْنِ ؕ وَكَانَ الشَّيْطٰنُ

بيشڪ اجايو خرچ ڪندڙ آهن ڀائر شيطانن جا، ۽ شيطان

ڇو ته اجايو وڃائيندڙ شيطانن جا ڀائر آهن، ۽ شيطان پنهنجي پالڻهار جي نافرماني

لِرَبِّهٖ كَفُوْرًا ﴿٢٧﴾ وَاِمَّا تُعْرِضَنَّ عَنْهُمُ ابْتِغَآءَ رَحْمَةٍ مِّنْ رَّبِّكَ

پنهنجي رب جو بي فرمان آهي ۽ جيڪڏهن تون منهن موڙين انهن کان طلب ڪندي رزق جي پنهنجي رب کان

ڪندڙ آهي. ۽ جيڪڏهن تون (ان رزق جي اڻ هوند ڪري) انهن کان منهن موڙين، جنهن رزق جي ملڻ جي پنهنجي

تَرْجُوْهَا فَقُلْ لَّهُمْ قَوْلًا مَّیْسُوْرًا ﴿٢٨﴾ وَلَا تَجْعَلْ یَدَكَ مَغْلُوْلَةً
جنهن جي آس رکين ٿو پوءِ ڏج انهنکي جواب سولو. ۽ نہ ڪر هٿ پنهنجو ٻڌل
پالڻهار کان اميد رکين ٿو تہ (کين) جهڻڪي نہ موٽاءِ بلڪ (ساڻن) مٺي ڳالهہ ڳالهاءِ. ۽ نڪي پنهنجي هٿ کي (بخل
اِلٰی عُنُقِكَ وَلَا تَبْسُطْهَا كُلَّ الْبَسْطِ فَتَقْعُدَ مَلُوْمًا مَّحْسُوْرًا ﴿٢٩﴾
پنهنجي ڪنڌ سان ۽ نہ کولي ڇڏ ان کي صفا چوٽ پوءِ ويهندين تون مايوس ٿڪل ٿي.
مان) پنهنجي ڳچيءَ ۾ بند ڪر ۽ نڪي اهو سارو کولي ڇڏ جو پوءِ ملامت ڪيل (۽) پشيمان ٿي ويهي رهين.
اِنَّ رَبَّكَ یَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ یَّشَآءُ وَیَقْدِرُ ۚ اِنَّهٗ كَانَ بِعِبَادِهٖ
بيشڪ تنهنجو رب ڪشادو ڪري ٿو رزق کي جنهن لاءِ گهري ۽ تنگ ڪري ٿو. اهوئي آهي پنهنجن ٻانهن جي
تنهنجو پالڻهار جنهن لاءِ گهرندو آهي تنهن جي روزي ڪشادي ڪندو آهي، چو تہ اهو پنهنجن ٻانهن جي
خَبِیْرًۢا بَصِیْرًا ﴿٣٠﴾ ع وَلَا تَقْتُلُوْٓا اَوْلَادَكُمْ خَشْیَةَ اِمْلَاقٍ ۚ نَحْنُ ٣ ع٨ ٣
خبر رکندڙ ڏسندڙ. ۽ نہ قتل ڪريو پنهنجي اولاد کي سڃائيءَ جي خوف کان، اسان ئي
خبر رکندڙ ڏسندڙ آهي، ۽ پنهنجن ٻارن کي سڃائيءَ جي ڊپ کان نہ ڪُهو، اسين
نَرْزُقُهُمْ وَاِیَّاكُمْ ۚ اِنَّ قَتْلَهُمْ كَانَ خِطْاً كَبِیْرًا ﴿٣١﴾ وَلَا تَقْرَبُوا
روزي ڏيندا آهيون انهن کي ۽ توهان کي، بيشڪ مارڻ انهن جو آهي ڏوهہ وڏو. ۽ نہ ويجها ٿيو
کين ۽ (خود) اوهان کي روزي ڏيندا آهيون- بيشڪ انهن کي ڪُهڻ وڏو ڏوهہ آهي. ۽ زنا کي ويجها نہ وڃو
الزِّنٰٓی اِنَّهٗ كَانَ فَاحِشَةً ۚ وَسَآءَ سَبِیْلًا ﴿٣٢﴾ وَلَا تَقْتُلُوا النَّفْسَ
زنا کي اها آهي بي حيائي، ۽ بڇڙي راهہ، ۽ نہ ماريو ماڻهو
چو تہ اها بيحيائي آهي ۽ اها واٽ بڇڙي آهي. ۽ اهڙي شخص کي نہ ڪُهو جنهن جو (شرعي)
الَّتِیْ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالْحَقِّ ۚ وَمَنْ قُتِلَ مَظْلُوْمًا فَقَدْ جَعَلْنَا
جنهنکي حرام ڪيو آهي الله مگر حق سان، ۽ جيڪو ماريو ويو بي قصور تہ ڪيو اٿئون
حق کان سواءِ ڪُهڻ الله حرام ڪيو آهي، ۽ جيڪو ناحق ماريو وڃي تنهن جي وارث کي (قصاص جو) اختيار
لِوَلِیِّهٖ سُلْطٰنًا فَلَا یُسْرِفْ فِّی الْقَتْلِ ۚ اِنَّهٗ كَانَ مَنْصُوْرًا ﴿٣٣﴾
انهيءَ جي وارث لاءِ حق پوءِ اهو وڌاءُ نہ ڪري قتل ڪرڻ ۾، بيشڪ اهو آهي مدد ڪيل.
ڏنوسون پوءِ جڳائي تہ مارڻ ۾ (پاڻون بدلو وٺي) زيادتي نہ ڪري، چو تہ اهو (قصاص وٺڻ ۾) مدد ڏنل ٿيو آهي.
وَلَا تَقْرَبُوْا مَالَ الْیَتِیْمِ اِلَّا بِالَّتِیْ هِیَ اَحْسَنُ حَتّٰی یَبْلُغَ
۽ نہ ويجها وڃو مال يتيم جي کي مگر انهيءَ طرح جو اهو بهتر هجي، تانجو پهچي پنهنجي
۽ نڪي ڪنهن ڇوري ٻار جي مال کي چڱي (نيت) کان سواءِ ويجها وڃو جيستائين هو بلوغت کي پهچي

اَشُدَّهٗ ص وَ اَوْفُوْا بِالْعَهْدِ ج اِنَّ الْعَهْدَ كَانَ مَسْـُٔوْلًا ۳۴ وَ اَوْفُوا

جواني کي ۽ پاڙيو وعدو، جو وعدي جي پڇا ٿيندي. ۽ پورو پريو

۽ (پنهنجو) انجام پاڙيو. ڇو ته انجام جي بابت بلڪل پڇا ٿيندي. ۽ جڏهن ماڻ پريو تڏهن پورو پريو

الْكَيْلَ اِذَا كِلْتُمْ وَ زِنُوْا بِالْقِسْطَاسِ الْمُسْتَقِيْمِ ط ذٰلِكَ خَيْرٌ

ماڻ جڏهن ماپ ڪيو ۽ تور ڪريو ترازيءَ پوريءَ سان، اهو ڀلو آهي

۽ سنئين ترازي سان توريو، اها (پوري ماپ ۽ تور) ڀلي ۽ عاقبت

وَّ اَحْسَنُ تَاْوِيْلًا ۳۵ وَ لَا تَقْفُ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ط اِنَّ السَّمْعَ

۽ خاصي نتيجي وارو. ۽ نه پٺيان پؤ جنهن جي ناهي توکي ڄاڻ، بيشڪ ڪَنُ

جي ڪري بلڪل چڱي آهي. ۽ (اي ٻانها!) جنهن شيءِ جي توکي ڪا سُڌ نه آهي تنهن جي پويان نه لڳ! ڇو ته

وَ الْبَصَرَ وَ الْفُؤَادَ كُلُّ اُولٰٓئِكَ كَانَ عَنْهُ مَسْـُٔوْلًا ۳۶ وَ لَا تَمْشِ

۽ اک ۽ دل انهن سڀني جي ان کان پڇا ٿيندي. ۽ نه هل

ڪن ۽ اک ۽ دل اِنهن سڀني (عضون) کان انهيءَ بابت بلڪل پڇا ٿيندي. ۽ زمين ۾ (تون) آڪڙ

فِی الْاَرْضِ مَرَحًا ج اِنَّكَ لَنْ تَخْرِقَ الْاَرْضَ وَ لَنْ تَبْلُغَ الْجِبَالَ

ڌرتيءَ تي آڪڙ ڪري، تون ڪين ڦاڙيندين زمين کي ۽ نڪي پهچندين جبلن کي

ڪري نه گهم. ڇو ته تون نڪي زمين کي چيري سگهندين ۽ نڪي ڊيگهه ۾ جبل (جي چوٽي) کي پهچي سگهندين.

طُوْلًا ۳۷ كُلُّ ذٰلِكَ كَانَ سَیِّئُهٗ عِنْدَ رَبِّكَ مَكْرُوْهًا ۳۸ ذٰلِكَ مِمَّآ

ڊگهو ٿي. انهن سڀني مان آهن خراب ڪم تنهنجي رب وٽ نفرت ڪيل. اهو انهيءَ مان آهي جيڪا

اِنهن سڀني (عادتن) جي بڇڙائي تنهنجي پالڻهار وٽ ناپسند آهي. اِهي حڪم اُنهن مان آهن جيڪي

اَوْحٰٓى اِلَيْكَ رَبُّكَ مِنَ الْحِكْمَةِ ط وَ لَا تَجْعَلْ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا

موڪلي آهي توڏانهن تنهنجي رب حڪمت، ۽ نه بڻاءِ الله جي هوندي ٻيو خدا

تنهنجي پالڻهار تو ڏانهن حڪمت منجهان وحي ڪيا آهن. ۽ الله سان ٻيو ڪو معبود مقرر نه ڪر

اٰخَرَ فَتُلْقٰى فِیْ جَهَنَّمَ مَلُوْمًا مَّدْحُوْرًا ۳۹ اَفَاَصْفٰىكُمْ رَبُّكُمْ

پوءِ پوندين دوزخ ۾ مايوس ٿي ڌڪاريل ٿي. چا پلا چونڊي ڏنائين توهان کي توهان جي رب

نه ته تون خوار (۽) ڌڪيل ٿي دوزخ ۾ وڌو ويندين. (اي مشرڪو!) اوهان جي پالڻهار اوهان کي پُٽن لاءِ چونڊيو

بِالْبَنِيْنَ وَ اتَّخَذَ مِنَ الْمَلٰٓئِكَةِ اِنَاثًا ط اِنَّكُمْ لَتَقُوْلُوْنَ قَوْلًا

پٽ ۽ پاڻ رکيائين ملائڪ ڌيئر ڪري، يقينن توهان چئو ٿا ڳالهه

۽ (پاڻ) ملائڪن کي (پنهنجون) ڌيئر ڪري ورتائين ڇا؟ بيشڪ اوهين هيءَ، وڏي ڳالهه ڪندا آهيو.

عَظِیْمًا ﴿۴۰﴾ وَلَقَدْ صَرَّفْنَا فِیْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لِیَذَّكَّرُوْا ؕ وَمَا یَزِیْدُهُمْ ع۴
وڏي. ۽ البت ڌهرائي اٿئون سمجهائي هن قرآن ۾ ته جيئن نصيحت وٺن. ۽ اهو نه ٿو وڌائي انهن کي
۽ بيشڪ هن قرآن ۾ هن لاءِ وري وري سمجهايوسون ته نصيحت وٺن. ۽ اهو انهن بابت نفرت ڪرڻ کان سواءِ (ٻيو
اِلَّا نُفُوْرًا ﴿۴۱﴾ قُلْ لَّوْ كَانَ مَعَهٗۤ اٰلِهَةٌ كَمَا یَقُوْلُوْنَ اِذًا لَّابْتَغَوْا
مگر تاهر. تون چؤ جيڪڏهن هجن ها انهيءَ سان گڏ ٻيا مالڪ جيئن اهي چون ٿا ته ضرور تلاش ڪن ها
ڪجهه) ڪين ٿو وڌائي. (اي پيغمبر!) چئو ته، جيڪڏهن ساڻس ٻيا معبود جهڙيءَ طرح چوندا آهن (تهڙيءَ طرح) هجن ها ته اهي انهيءَ در
اِلٰی ذِی الْعَرْشِ سَبِیْلًا ﴿۴۲﴾ سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰی عَمَّا یَقُوْلُوْنَ عُلُوًّا
عرش واري ڏانهن ڪو دڳ. اهو پاڪ آهي ۽ مٿانهون آهي انهنجي چوڻ کان تمام
عرش جي مالڪ ڏانهن (جنگ جي) واٽ طلبين ها. اهو پاڪ آهي ۽ جيڪي چوندا آهن تنهن کان گهڻو مٿاهون آهي.
كَبِیْرًا ﴿۴۳﴾ تُسَبِّحُ لَهُ السَّمٰوٰتُ السَّبْعُ وَالْاَرْضُ وَمَنْ فِیْهِنَّ ؕ
مٿي. ان جي پاڪائي بيان ٿا ڪن آسمان ست ۽ زمين ۽ جيڪي انهن ۾ آهن.
ست آسمان ۽ زمين ۽ جيڪي منجهن آهن سي ان جي پاڪائي بيان ڪندا آهن. ۽ ڪا (به) شيءِ اهڙي نه آهي
وَاِنْ مِّنْ شَیْءٍ اِلَّا یُسَبِّحُ بِحَمْدِهٖ وَلٰكِنْ لَّا تَفْقَهُوْنَ تَسْبِیْحَهُمْ ؕ
۽ ناهي ڪا به شيءِ مگر تسبيح پڙهي ٿي انهيءَ جي تعريف سان پر توهان نه ٿا سمجهو انهن جي تسبيح کي.
جا سندس ساراهه سان گڏ پاڪائي بيان نه ڪندي هجي پر (اوهين) سندس تسبيح نه سمجهندا آهيو.
اِنَّهٗ كَانَ حَلِیْمًا غَفُوْرًا ﴿۴۴﴾ وَاِذَا قَرَاْتَ الْقُرْاٰنَ جَعَلْنَا بَیْنَكَ وَ
بيشڪ اهو بردبار بخشڻهار آهي. ۽ جڏهن تون پڙهندو آهين قرآن ته ڪندا آهيون تنهنجي ۽
بيشڪ اهو بردبار بخشڻهار آهي. ۽ جڏهن (تون) قرآن پڙهندو آهين (تڏهن) تنهنجي وچ ۾ ۽
بَیْنَ الَّذِیْنَ لَا یُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ حِجَابًا مَّسْتُوْرًا ﴿۴۵﴾ وَّجَعَلْنَا
انهن جي وچ ۾ جيڪي نه ٿا مڃين آخرت کي، اوٽ لڪل. ۽ ڪندا آهيون
جيڪي آخرت کي نه مڃيندا آهن تن جي وچ ۾ (اسين) لڪل پردو ڪندا آهيون. ۽ ان جي
عَلٰی قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ یَّفْقَهُوْهُ وَفِیْۤ اٰذَانِهِمْ وَقْرًا ؕ وَاِذَا
انهن جي دلين تي پردا ان جي سمجهڻ کان ۽ سندن ڪنن ۾ ٻوڙاڻ. ۽ جڏهن
سمجهڻ کان سندين دلين تي پردو ۽ سندن ڪنن ۾ گهرائي وجهندا آهيون. ۽ جڏهن پنهنجي
ذَكَرْتَ رَبَّكَ فِی الْقُرْاٰنِ وَحْدَهٗ وَلَّوْا عَلٰۤی اَدْبَارِهِمْ نُفُوْرًا ﴿۴۶﴾
تون بيان ڪندو آهين قرآن ۾ پنهنجي رب اڪيلي کي ته ڦرندا آهن پٺي ڏئي تاهه ڪائي.
هڪڙي پالڻهار کي قرآن ۾ ياد ڪرين ٿو تڏهن نفرت ڪندي پنهنجي پٺين (پر پوءِ) تي موٽندا آهن.

نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَا يَسْتَمِعُوْنَ بِهٖٓ اِذْ يَسْتَمِعُوْنَ اِلَيْكَ وَاِذْ هُمْ

اسان خوب ڄاڻون ٿا انکي جيڪي اهي ٻڌن ٿا جڏهن ڪن ڏين ٿا توڏانهن ۽ جڏهن اهي

(اي پيغمبر!) جنهن مهل تو ڏانهن ڪن ڏئي جنهن (ٺٺوليءَ ڪرڻ جي ارادي) سان (قرآن کي) ٻڌندا آهن ۽ جنهن مهل ڳجهيون صلاحون ڪندا آهن.

نَجْوٰٓى اِذْ يَقُوْلُ الظّٰلِمُوْنَ اِنْ تَتَّبِعُوْنَ اِلَّا رَجُلًا مَّسْحُوْرًا ٤٧

صلاحون ڪن ٿا تڏهن چون ٿا، ظالم ته نه ٿا پيروي ڪريو مگر هڪ مرد جادو ڪيل جي.

جڏهن ظالم چوندا آهن ته (اوهين) رڳو جادو ڪيل ماڻهوءَ جي تابعداري ڪريو ٿا (تنهن مهل سندين انهن ڳالهين کي) اسين چڱيءَ طرح ڄاڻندا آهيون.

اُنْظُرْ كَيْفَ ضَرَبُوْا لَكَ الْاَمْثَالَ فَضَلُّوْا فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ

ڏس ڪهڙا ٺاهيائون تولاءِ مثال پوءِ گمراهه ٿي ويا پوءِ نه ٿا لهن

ڏس ته تو لاءِ ڪهڙا مثال ڏيندا آهن! پوءِ گمراهه ٿيا تنهن ڪري سڌي واٽ لهي نه سگهندا آهن.

سَبِيْلًا ٤٨ وَقَالُوْٓا ءَاِذَا كُنَّا عِظَامًا وَّرُفَاتًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ

ڪو رستو. ۽ چون ٿا ڇا ۽ جڏهن ٿي ويندا سون هڏا ۽ ڀور ڀور، ڇا اسان اُٿاريا ويندا سون

۽ چوندا آهن ته جڏهن اسين (مري ڳري) هڏا ۽ ذرا ذرا ٿيندا سين (تڏهن) اسين وري نوان بڻجي

خَلْقًا جَدِيْدًا ٤٩ قُلْ كُوْنُوْا حِجَارَةً اَوْ حَدِيْدًا ٥٠ اَوْ خَلْقًا مِّمَّا يَكْبُرُ

نئين سِر. چوين ٿي وڃو پاهڻ يا لوهه. يا ڪا ٻي مخلوق جيڪا ڏکي هجي

اُٿنداسين ڇا؟. چئو ته پهڻ ٿيو يا لوهه ٿيو. يا پنهنجين دلين ۾ جيڪا (ٻي) وڏي خلق ڀانئيندا آهيو (سا ٿيو ته به اُٿندؤ).

فِيْ صُدُوْرِكُمْ ۚ فَسَيَقُوْلُوْنَ مَنْ يُّعِيْدُنَا ۭ قُلِ الَّذِيْ فَطَرَكُمْ

توهان جي خيال ۾، پوءِ جلدي چوندا ڪير موٽائيندو اسان کي، تون چؤ اهوئي جنهن پيدا ڪيو توهان کي

پوءِ سگهوئي چوندا ته ڪير اسان کي وري جياريندو؟ چئو ته جنهن اوهان کي پهريون ڀيرو پيدا ڪيو (اهو جياريندو).

اَوَّلَ مَرَّةٍ ۚ فَسَيُنْغِضُوْنَ اِلَيْكَ رُءُوْسَهُمْ وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هُوَ ۭ

پهرين ڀيري، پوءِ لوڏيندا تنهنجي پاسي پنهنجا ڪنڌ ۽ چوندا ڪڏهن ٿيندو اهو.

پوءِ توڏانهن پنهنجا ڪنڌ لوڏيندا ۽ چوندا ته اهو ڪڏهن ٿيندو؟ چئو ته اميد آهي ته

قُلْ عَسٰٓى اَنْ يَّكُوْنَ قَرِيْبًا ٥١ يَوْمَ يَدْعُوْكُمْ فَتَسْتَجِيْبُوْنَ بِحَمْدِهٖ

چؤ متان هجي اهو ويجهو. جنهن ڏينهن سڏيندو توهان کي پوءِ هليا ايندؤ ان جي ساراهه ڪندا

سگهو ٿيڻو آهي. جنهن ڏينهن الله اوهان کي سڏيندو (تنهن ڏينهن) اوهين سندس ساراهه ڪندي ورندي ڏيندؤ

وَتَظُنُّوْنَ اِنْ لَّبِثْتُمْ اِلَّا قَلِيْلًا ٥٢ ع وَقُلْ لِّعِبَادِيْ يَقُوْلُوا الَّتِيْ هِيَ

۽ ڀائيندؤ ته دير نه ڪئي هئو مگر ٿوري. ۽ چؤ منهنجي ٻانهن کي ته ڳالهه ڪن اها جا

۽ ڀانئيندؤ ته ٿورڙو ئي وقت رهيا آهيون. ۽ (اي پيغمبر!) منهنجن ٻانهن کي چئو ته (هڪٻئي سان) بلڪل

الربع

ع ٥

اَحۡسَنُ ؕ اِنَّ الشَّيۡطٰنَ يَنۡزَغُ بَيۡنَهُمۡ ؕ اِنَّ الشَّيۡطٰنَ كَانَ

زور سٺي هجي، شيطان جهيڙو وجهندو آهي انهنجي وچ ۾، يقينن شيطان آهي

چڱي (ڳالهه) چوندا رهن، جو ته شيطان سندن وچ ۾ جهيڙو وجهندو آهي، بيشڪ شيطان ماڻهو جو

لِلۡاِنۡسَانِ عَدُوًّا مُّبِيۡنًا ﴿٥٣﴾ رَبُّكُمۡ اَعۡلَمُ بِكُمۡ ؕ اِنۡ يَّشَاۡ يَرۡحَمۡكُمۡ

ماڻهوءَ جو دشمن پڌرو، رب توهان جو خوب ڄاڻي ٿو توهانکي، چاهي ته رحم ڪري توهان تي

پڌرو ويري آهي. اوهان جو پالڻهار اوهان کي چڱيءَ طرح ڄاڻندو آهي، جيڪڏهن وڻيس ته اوهان تي ٻاجھ ڪري

اَوۡ اِنۡ يَّشَاۡ يُعَذِّبۡكُمۡ ؕ وَمَاۤ اَرۡسَلۡنٰكَ عَلَيۡهِمۡ وَكِيۡلًا ﴿٥٤﴾ وَرَبُّكَ

يا چاهي عذاب ڪري توهان کي ۽ اسان نه موڪليو آهي تو کي انهن تي ڪارساز ڪري. ۽ رب تنهنجو

يا جيڪڏهن وڻيس ته اوهان کي عذاب ڪري، ۽ اسان توکي مٿن وڪيل ڪري نه موڪليو آهي. ۽

اَعۡلَمُ بِمَنۡ فِى السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ وَلَقَدۡ فَضَّلۡنَا بَعۡضَ النَّبِيّٖنَ

خوب ڄاڻي ٿو انهن کي جي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن، ۽ اسان فضيلت ڏني آهي ڪن نبين کي

جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو تنهنجو پالڻهار چڱيءَ طرح ڄاڻندو آهي، ۽ بيشڪ هڪڙن نبين کي ٻين کان وڌيڪ

عَلٰى بَعۡضٍ وَّاٰتَيۡنَا دَاوٗدَ زَبُوۡرًا ﴿٥٥﴾ قُلِ ادۡعُوا الَّذِيۡنَ زَعَمۡتُمۡ

ڪن تي ۽ ڏنوسون داؤد کي زبور. چؤ سڏيو انهن کي جن کي ڀانيو ٿا

ڪيوسون ۽ داؤد کي زبور ڏنوسون. (اي پيغمبر!) چئو ته الله کان سواءِ ٻين جن کي (الله جهڙو) ڀانئيندا آهيو تن کي سڏيو

مِّنۡ دُوۡنِهٖ فَلَا يَمۡلِكُوۡنَ كَشۡفَ الضُّرِّ عَنۡكُمۡ وَلَا تَحۡوِيۡلًا ﴿٥٦﴾

انهيءَ کان سواءِ پوءِ اهي نه ٿا طاقت رکن لاهڻ تڪليف جي اوهان کان ۽ نڪي ٽارڻ جي.

پوءِ (اهي) اوهان کان نڪي ڪنهن تڪليف لاهڻ جو ۽ نڪي ٽارڻ جو اختيار رکندا آهن.

اُولٰٓئِكَ الَّذِيۡنَ يَدۡعُوۡنَ يَبۡتَغُوۡنَ اِلٰى رَبِّهِمُ الۡوَسِيۡلَةَ اَيُّهُمۡ اَقۡرَبُ

اهي جن کي پڪارين ٿا سي خود ڳولين ٿا پنهنجي رب تائين وسيلي کي ته ڪهڙو انهن مان وڌيڪ ويجهو آهي

هي (ڪافر خدا کان سواءِ) جن کي سڏيندا آهن سي پاڻ پنهنجي پالڻهار ڏانهن وسيلو ڳوليندا آهن ته انهن مان ڪير ڏاڍو ويجهو آهي؟

وَيَرۡجُوۡنَ رَحۡمَتَهٗ وَيَخَافُوۡنَ عَذَابَهٗ ؕ اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ كَانَ

۽ اميد رکن ٿا ان جي رحمت جي ۽ ڊڄن ٿا ان جي عذاب کان، بيشڪ عذاب تنهنجي رب جو آهي

۽ سندس ٻاجھ جي اميد رکندا آهن ۽ سندس عذاب کان ڊڄندا آهن، ڇو ته تنهنجي پالڻهار جو عذاب ڊڄڻ جهڙي شيءِ آهي.

مَحۡذُوۡرًا ﴿٥٧﴾ وَاِنۡ مِّنۡ قَرۡيَةٍ اِلَّا نَحۡنُ مُهۡلِكُوۡهَا قَبۡلَ يَوۡمِ الۡقِيٰمَةِ

خوفناڪ. ۽ ناهي ڪا آبادي مگر اسان ويران ڪندڙ آهيون ان کي ڏينهن قيامت کان اڳي

۽ ڪوبه ڳوٺ نه آهي جنهن (جي رهڻ وارن) کي (سندن بڇڙن ڪرتوتن سبب) قيامت جي ڏينهن کان اڳ اسين

اَوۡ مُعَذِّبُوۡهَا عَذَابًا شَدِيۡدًا ؕ كَانَ ذٰلِكَ فِی الۡكِتٰبِ مَسۡطُوۡرًا ﴿٥٨﴾

يا ڏينداسون ان کي عذاب سخت، آهي اهو دفتر ۾ لکيل.

ناس ڪرڻ وارا نہ آهيون يا ان کي سخت سزا سان عذاب (نہ) ڏيندڙ آهيون. اهو حڪم ڪتاب ۾ لکيل آهي.

وَمَا مَنَعَنَاۤ اَنۡ نُّرۡسِلَ بِالۡاٰيٰتِ اِلَّاۤ اَنۡ كَذَّبَ بِهَا الۡاَوَّلُوۡنَ ؕ

۽ نہ روڪيو اسان کي نشانيون موڪلڻ کان مگر هن تہ ڪوڙو ڪيو هو انهن کي اڳين.

۽ اسان کي معجزن موڪلڻ کان انهيءَ ڳالهہ کان سواءِ ٻي ڪنهن نہ روڪيو جو اڳين (ماڻهن) اُنهن کي ڪوڙ ڄاتو هو.

وَاٰتَيۡنَا ثَمُوۡدَ النَّاقَةَ مُبۡصِرَةً فَظَلَمُوۡا بِهَا ؕ وَمَا نُرۡسِلُ بِالۡاٰيٰتِ

۽ ڏني سون ثمود کي ڏاچي عبرت لاءِ پوءِ ناحق ڪيائون انهيءَ سان ۽ موڪليندا آهيون نشانيون

۽ ثمود (جي قوم) کي ڏاچي معجزي لاءِ ڏني سون تہ اُن سان ظلم ڪيائون. ۽ اسين رڳو ڀيڄارڻ لاءِ معجزا موڪليندا آهيون.

اِلَّا تَخۡوِيۡفًا ﴿٥٩﴾ وَاِذۡ قُلۡنَا لَكَ اِنَّ رَبَّكَ اَحَاطَ بِالنَّاسِ ؕ وَمَا جَعَلۡنَا

رڳو ڀيڄارڻ لاءِ. ۽ جڏهن چيوسون توکي تہ رب تنهنجي گهيرو ڪيو آهي ماڻهن تي، ۽ ڪيوسون انهيءَ

۽ (اي پيغمبر! ياد ڪر) جنهن مهل توکي چيوسون تہ تنهنجي پالڻهار ماڻهن جو (پنهنجي قدرت سان) گهيرو ڪيو آهي. ۽

الرُّءۡيَا الَّتِیۡۤ اَرَيۡنٰكَ اِلَّا فِتۡنَةً لِّلنَّاسِ وَالشَّجَرَةَ الۡمَلۡعُوۡنَةَ

نظاري کي جيڪو ڏيکاريوسون توکي رڳو ماڻهن جي امتحان لاءِ ۽ انهيءَ وڻ کي ۾ جنهن تي لعنت ڪيل آهي

اسان توکي جيڪو خواب ڏيکاريو سو ۽ جو لعنت ڪيل (توهر جو) وڻ قرآن ۾ بيان ڪيو ويو آهي سو ماڻهن جي آزمائش

فِی الۡقُرۡاٰنِ ؕ وَنُخَوِّفُهُمۡ ۙ فَمَا يَزِيۡدُهُمۡ اِلَّا طُغۡيَانًا كَبِيۡرًا ﴿٦٠﴾ ع وَاِذۡ قُلۡنَا

قرآن ۾. ۽ اسان ڀيڄاريون ٿا انهن کي پوءِ اهو نہ ٿو وڌائي انهنکي مگر شرارت وڏي ۾. ۽ جڏهن اسان چيو

کان سواءِ نہ آهي ۽ اسين جي کين ڀيڄاريندا آهيون سو کين وڏي شرارت کان سواءِ (ٻيو ڪجهہ) نہ وڌائيندو آهي. ۽ جڏهن

لِلۡمَلٰٓئِكَةِ اسۡجُدُوۡا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوۡۤا اِلَّاۤ اِبۡلِيۡسَ ؕ قَالَ ءَاَسۡجُدُ لِمَنۡ

ملائڪن کي تہ سجدو ڪريو آدم کي پوءِ سجدو ڪيائون مگر ابليس، ان چيو ڇا آءٌ سجدو ڪريان ان کي جيڪو

ملائڪن کي چيوسون تہ آدم کي سجدو ڪريو پوءِ ابليس کان سواءِ (ٻين) سجدو ڪيو (ابليس) چيو تہ جنهن کي مٽيءَ

خَلَقۡتَ طِيۡنًا ﴿٦١﴾ ج قَالَ اَرَءَيۡتَكَ هٰذَا الَّذِیۡ كَرَّمۡتَ عَلَیَّ ۫ لَئِنۡ

پيدا ڪيو تو مٽيءَ مان، چوڻ لڳو ڀلا ڏس تہ هي جنهن کي تو عزت ڏني آهي مون تي جيڪڏهن

مان پيدا ڪيئي تنهن کي ڇو سجدو ڪريان؟. (وري ابليس) چيو تہ ڏس هيءُ جنهن کي تو مون تي شرف ڏنو جيڪڏهن

اَخَّرۡتَنِ اِلٰی يَوۡمِ الۡقِيٰمَةِ لَاَحۡتَنِكَنَّ ذُرِّيَّتَهٗۤ اِلَّا قَلِيۡلًا ﴿٦٢﴾ قَالَ

دير ڏئين مونکي ڏينهن قيامت تائين تہ ٻيخ ڪيندس ان جي اولاد جي سواءِ ٿورن جي. فرمايائين،

مون کي قيامت جي ڏينهن تائين مهلت ڏيندين تہ ٿورڙن کان سواءِ سندس (ٻي) اولاد کي پاڙئون پٽيندس. (الله) چيو

اذْهَبْ فَمَنْ تَبِعَكَ مِنْهُمْ فَاِنَّ جَهَنَّمَ جَزَآؤُكُمْ جَزَآءً مَّوْفُوْرًا ﴿٦٣﴾

وڃ پوءِ جيڪو هليو توسان انهن مان تہ دوزخ آهي سزا توهان جي سزا پوري.

تہ وڃ! پوءِ منجهانئن جن تنهنجي تابعداري ڪئي تہ اوهان سڀني جي سزا دوزخ آهي (۽ اها) بلڪل پوري سزا (آهي).

وَاسْتَفْزِزْ مَنِ اسْتَطَعْتَ مِنْهُمْ بِصَوْتِكَ وَاَجْلِبْ عَلَيْهِمْ

۽ ٿيڙگ ڏيار جن کي سگهين انهن مان پنهنجي آواز سان ۽ چاڙهہ انهن تي

۽ منجهانئن جنهن کي (ٿلائي) سگهين تنهن کي پنهنجي سڏ سان ٿلاءِ ۽ پنهنجن

بِخَيْلِكَ وَرَجِلِكَ وَشَارِكْهُمْ فِى الْاَمْوَالِ وَالْاَوْلَادِ وَعِدْهُمْ ؕ

پنهنجا گهوڙي سوار ۽ پيادا ۽ ڀائيوار ٿيءُ انهن سان مالن ۽ اولاد ۾ ۽ دلاسا ڏج انهنکي.

سوارن ۽ پيادن سان مٿن چڙهائي ڪر ۽ سندن مال ۽ اولاد ۾ ڀائيواري ڪر ۽ کين انجام ڏي!

وَمَا يَعِدُهُمُ الشَّيْطٰنُ اِلَّا غُرُوْرًا ﴿٦٤﴾ اِنَّ عِبَادِىْ لَيْسَ لَكَ عَلَيْهِمْ

۽ نہ تو دلاسو ڏئي انهن کي شيطان مگر ٺوڳو. بيشڪ منهنجا ٻانها ناهي توکي انهن تي

۽ شيطان ٺڳي کان سواءِ کين ڪو دلاسو نہ ڏيندو آهي. بيشڪ منهنجن ٻانهن تي توکي ڪا سگهہ نہ آهي.

سُلْطٰنٌ ؕ وَكَفٰى بِرَبِّكَ وَكِيْلًا ﴿٦٥﴾ رَبُّكُمُ الَّذِىْ يُزْجِىْ لَكُمُ الْفُلْكَ

ڪا طاقت. ۽ ڪافي آهي تنهنجو رب ڪم سنڀاليندڙ. توهان جو پالڻهار اهو آهي جو هلائي ٿو توهان لاءِ ٻيڙيون

۽ تنهنجو پالڻهار نگهبان ڪافي آهي. اوهان جو پالڻهار اهو آهي جيڪو اوهان لاءِ سمنڊ ۾ ٻيڙيون

فِى الْبَحْرِ لِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ ؕ اِنَّهٗ كَانَ بِكُمْ رَحِيْمًا ﴿٦٦﴾ وَاِذَا

سمنڊ ۾ جيئن ڳوليو ان جو فضل، اهوئي آهي توهان تي مهربان. ۽ جڏهن

هن لاءِ هلائيندو آهي تہ سندس روزي ڳوليو. بيشڪ اهو اوهان تي ٻاجهارو آهي. ۽ جڏهن اوهان کي

مَسَّكُمُ الضُّرُّ فِى الْبَحْرِ ضَلَّ مَنْ تَدْعُوْنَ اِلَّآ اِيَّاهُ ۚ فَلَمَّا نَجّٰكُمْ

پهچي ٿي توهان کي تڪليف سمنڊ ۾ تہ وسري ٿا وڃن جنکي توهان سڏيندا هئا الله کانسواءِ. پوءِ جڏهن بچائي آندائين توهان کي

درياءَ ۾ ڪا تڪليف پهچندي آهي تڏهن خاص اُن (الله) کان سواءِ ٻين جن کي اوهين سڏيندا آهيو سي وسري ويندا اٿوَ پوءِ

اِلَى الْبَرِّ اَعْرَضْتُمْ ؕ وَكَانَ الْاِنْسَانُ كَفُوْرًا ﴿٦٧﴾ اَفَاَمِنْتُمْ اَنْ يَّخْسِفَ

سڪي تي تہ ڦري ٿا وڃو ۽ آهي انسان بي شڪر. ڇا پوءِ بي خطر ٿيا آهيو ان کان جو گهُرائي

جنهن مهل اوهان کي خشڪيءَ تي پهچائيندو آهي (تنهن مهل) منهن موڙيندا آهيو. ۽ انسان ڏاڍو بي شڪر آهي. (اوهين)

بِكُمْ جَانِبَ الْبَرِّ اَوْ يُرْسِلَ عَلَيْكُمْ حَاصِبًا ثُمَّ لَا تَجِدُوْا لَكُمْ

توهان کي سڪيءَ جي طرف يا موڪلي توهان تي پٿرن جو طوفان پوءِ نہ لهو پاڻ لاءِ

پاڻ کي خشڪيءَ جي ڪنهن پاسي ۾ گهاٽڻ کان يا پاڻ تي (پٿر جي) طوفان اچڻ کان بي پروا ٿيا آهيو ڇا؟ وري اوهين پاڻ لاءِ

وَكِيْلًا ﴿٦٨﴾ اَمْ اَمِنْتُمْ اَنْ يُّعِيْدَكُمْ فِيْهِ تَارَةً اُخْرٰى فَيُرْسِلَ

كوئي ڪارساز. يا بي خوف ٿيا آهيو هن ڪان تہ موٽائي توهان کي سمنڊ ڏي ٻيهر پوءِ موڪلي

ڪو واهرو نہ لهندؤ. يا ٻئي ڀيري اُن (ساڳئي سمنڊ) ۾ موٽائڻ ڪان بي پروا ٿيا آهيو ڇا؟ پوءِ اوهان تي

عَلَيْكُمْ قَاصِفًا مِّنَ الرِّيْحِ فَيُغْرِقَكُمْ بِمَا كَفَرْتُمْ ۙ ثُمَّ لَا تَجِدُوْا

توهان تي جھٽڪو هوا جو پوءِ ٻوڙي توهان کي ڪفر جي ڪري پوءِ نہ لهو

واءُ جو طوفان موڪلي پوءِ اوهان کي اوهان جي ڪفر سببان ٻوڙي وري اُنهي (ٻوڙڻ جي) ڪري پاڻ لاءِ اسان تي

لَكُمْ عَلَيْنَا بِهٖ تَبِيْعًا ﴿٦٩﴾ وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِيْۤ اٰدَمَ وَحَمَلْنٰهُمْ فِي الْبَرِّ

پاڻ لاءِ اسان تي ان جو ڪو پيڇو ڪندڙ. ۽ يقينن اسان عزت ڏني آهي آدم جي اولاد کي ۽ سوار ڪيوسون انهن کي پٽ ۾

ڪو پيڇي ڪرڻ وارو نہ لهندؤ. ۽ بيشڪ آدم جي اولاد کي شرف ڏنوسون ۽ کين خشڪيءَ ۽ سمنڊ ۾ (سوارين

وَالْبَحْرِ وَرَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ وَفَضَّلْنٰهُمْ عَلٰى كَثِيْرٍ مِّمَّنْ

۽ درياءَ ۾ ۽ ڪارايون سون انهن کي سٺيون شيون ۽ ڀلائي ڏني سون انهن کي پنهنجيءَ ڪيترين

تي) ڪنيوسون ۽ کين سٺين شين مان روزي ڏني سون ۽ جيڪي خلقياسون تن مان گھڻن ڪان کين

خَلَقْنَا تَفْضِيْلًا ﴿٧٠﴾ ؏ يَوْمَ نَدْعُوْا كُلَّ اُنَاسٍۭ بِاِمَامِهِمْ ۚ فَمَنْ

مخلوق تي گھٽي ڀلائي. جنهن ڏينهن سڏينداسون هر ٽولي کي سندن اڳواڻ سان گڏ، پوءِ جنهن کي بہ

زياده مانُ وارو ڪيوسون. جنهن ڏينهن هر ڪنهن ٽوليءَ کي سندن اڳواڻ سان سڏينداسون، پوءِ جنهن

اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِيَمِيْنِهٖ فَاُولٰٓئِكَ يَقْرَءُوْنَ كِتٰبَهُمْ وَلَا يُظْلَمُوْنَ

ڏنو ويو سندس عملنامو ساڄي هٿ ۾ پوءِ اهي پڙهندا پنهنجو عملنامو ۽ نہ ظلم ڪيا ويندا

کي سندن اعمال نامو سڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو سي پنهنجو اعمال نامو پڙهندا ۽ تند جيترو بہ ظلم نہ ڪبن.

فَتِيْلًا ﴿٧١﴾ وَمَنْ كَانَ فِيْ هٰذِهٖۤ اَعْمٰى فَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ اَعْمٰى

ٽند جيترو. ۽ جيڪو ٿيندو هن دنيا ۾ انڌو سو آخرت ۾ بہ انڌو هوندو

۽ جيڪو هن دنيا ۾ (حق سڃاڻڻ ڪان) انڌو ٿيو سو آخرت ۾ (بہ) انڌو (هوندو) ۽ واٽ کان

وَاَضَلُّ سَبِيْلًا ﴿٧٢﴾ وَاِنْ كَادُوْا لَيَفْتِنُوْنَكَ عَنِ الَّذِيْۤ اَوْحَيْنَاۤ

۽ ڀليل رستي کان. ۽ اهي ڀرغلائڻ پيا توکي انهيءَ کان جو اسان وحي ڪيو هئو

بنهہ ڀليل رهندو.۽ جيڪي تو ڏانهن (پنهنجن حڪمن جو) وحي ڪيوسون تنهن کان توکي هن لاءِ دوکي ۾ وجهڻ

اِلَيْكَ لِتَفْتَرِيَ عَلَيْنَا غَيْرَهٗ ۖ وَاِذًا لَّاتَّخَذُوْكَ خَلِيْلًا ﴿٧٣﴾ وَلَوْلَاۤ

تو ڏانهن جيئن تون ٺاهين اسان تي ڪا ٻي ڳالهہ ۽ انهيءَ مهل بڻائن ها توکي گھاٽو دوست. ۽ جيڪڏهن نہ هجي ها

لڳا هئا تہ تون اُن کان سواءِ ٻيو ڪو اسان تي ٺاهہ ٺاهين ۽ انهيءَ مهل توکي دوست بڻائين. ۽ جيڪڏهن اسين توکي

اَنْ ثَبَّتْنٰكَ لَقَدْ كِدْتَّ تَرْكَنُ اِلَيْهِمْ شَيْـًٔا قَلِيْلًا ﴿٧٤﴾ اِذًا لَّاَذَقْنٰكَ

اسانجو پختو ڪرڻ توکي تہ ويجهو هُئين تون جو لاڙو ڪرين ها انهن ڏانهن ٿورڙو. ان ئي مهل چکايون ها توکي

(پنهنجي ڳالهہ تي) پختو نہ رکون ها تہ ويجهو هو جو بيشڪ اُنهن ڏانهن ڪجهہ ٿورڙي لڙي پوين ها!. تہ اُتي جو اُتي

ضِعْفَ الْحَيٰوةِ وَضِعْفَ الْمَمَاتِ ثُمَّ لَا تَجِدُ لَكَ عَلَيْنَا نَصِيْرًا ﴿٧٥﴾

ٻيڻو حياتيءَ ۾ ۽ ٻيڻو موت ۾ پوءِ نہ لهين ها پاڻ لاءِ اسان تي ڪوئي مددگار.

حياتي جو ٻيڻو عذاب ۽ موت جو (بہ) ٻيڻو عذاب توکي چکايون ها وري پاڻ لاءِ اسان تي ڪو مددگار نہ لهين ها!.

وَاِنْ كَادُوْا لَيَسْتَفِزُّوْنَكَ مِنَ الْاَرْضِ لِيُخْرِجُوْكَ مِنْهَا وَاِذًا

۽ اهي هلڪڙو ڪرڻ پيا چاهين توکي زمين ۾ جيئن ڪڍي ڇڏين توکي اتان ۽ تنهن وقت

۽ (اي پيغمبر! مڪي جي) زمين مان سگهوئي توکي هن لاءِ بيقرار ڪندا تہ منجهانئن توکي لڏائين ۽ اُنهيءَ مهل

لَّا يَلْبَثُوْنَ خِلٰفَكَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٧٦﴾ سُنَّةَ مَنْ قَدْ اَرْسَلْنَا قَبْلَكَ

اهي پاڻ ئي نہ رهن ها توکان پوءِ مگر ٿورو. اهو طريقو انهن جو آهي جنکي موڪليوسون توکان اڳي

توکان پوءِ (پاڻ بہ) ٿورو وقت رهندا. توکان اڳ جيکي پنهنجا پيغمبر موڪلياسون تن جي دستور موافق (جو سندن قومن کين لڏايو تہ ناس

مِنْ رُّسُلِنَا وَلَا تَجِدُ لِسُنَّتِنَا تَحْوِيْلًا ﴿٧٧﴾ ع اَقِمِ الصَّلٰوةَ

پنهنجن رسولن مان ۽ نہ لهندين تون اسان جي دستور ۾ ڪوئي ڦيرو. قائم ڪر نماز کي

ڪيو وين) ۽ اسان جي دستور کي ڪا ڦيرڦار نہ لهندين. سج لڙي کان وٺي رات جي اونداهيءَ تائين نماز پڙهہ

لِدُلُوْكِ الشَّمْسِ اِلٰى غَسَقِ الَّيْلِ وَقُرْاٰنَ الْفَجْرِ ؕ اِنَّ قُرْاٰنَ الْفَجْرِ كَانَ

سج لڙڻ سان رات جي اوندهہ تائين ۽ قرآن پڙهڻ کي صبح جو. بيشڪ قرآن پڙهڻ صبح جو آهي

۽ فجر جو قرآن (پڙهہ)، بيشڪ فجر جو قرآن پڙهڻ مهل ملائڪ حاضر ٿين ٿا.

مَشْهُوْدًا ﴿٧٨﴾ وَمِنَ الَّيْلِ فَتَهَجَّدْ بِهٖ نَافِلَةً لَّكَ ۖ عَسٰٓى اَنْ يَّبْعَثَكَ

حاضر ڏٺل. ۽ ڪجهہ رات جو پوءِ اوجاڳو ڪر انهيءَ سان، نفل طور پنهنجي لاءِ اجهو اٿاريندو توکي

۽ ڪجهہ رات جو اُن (قرآن) سان تهجد پڙهہ جو (اِها) تو لاءِ وڌيڪ عبادت آهي تنهنجو پالڻهار سگهوئي توکي ساراهيل

رَبُّكَ مَقَامًا مَّحْمُوْدًا ﴿٧٩﴾ وَقُلْ رَّبِّ اَدْخِلْنِيْ مُدْخَلَ صِدْقٍ وَّ

تنهنجو پروردگار مقام محمود ۾. ۽ چئو منهنجا رب مونکي داخل ڪر سچي طرح ۽

جاءِ (مقام محمود) ۾ اٿاريندو. ۽ (اي پيغمبر!) چئو تہ اي منهنجا پالڻهار! مون کي (مديني ۾) سچائيءَ سان

اَخْرِجْنِيْ مُخْرَجَ صِدْقٍ وَّاجْعَلْ لِّيْ مِنْ لَّدُنْكَ سُلْطٰنًا نَّصِيْرًا ﴿٨٠﴾

ٻاهر ڪڍ مونکي سچي طرح ۽ ڪر منهنجي لاءِ پنهنجي طرفان حڪومت مدد ڪندڙ.

داخل ڪر ۽ (مڪي مان) مون کي سچائيءَ سان ٻاهر ڪڍ ۽ پاڻ وٽان مون لاءِ ڪا قوت مدد ڏيندڙ ڪر!.

وَقُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ ط اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا ﴿٨١﴾
۽ چئو آيو سچ ۽ ويو ڪوڙ بيشڪ باطل ٿيو برباد.
۽ (اي پيغمبرا) چئو ته سچ آيو ۽ ڪوڙ ڀڳو، ۽ ڪوڙ ڀڄندڙ آهي.

وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ لا وَلَا يَزِيْدُ
۽ نازل ڪريون ٿا اهو قرآن جو شفاء آهي ۽ رحمت آهي مؤمنن لاءِ ۽ نٿو وڌائي
۽ اسين قرآن کي نازل ڪريون ٿا جو اهو سارو مؤمنن لاءِ شفا ۽ ٻاجهه آهي ۽

الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا خَسَارًا ﴿٨٢﴾ وَاِذَآ اَنْعَمْنَا عَلَى الْاِنْسَانِ اَعْرَضَ وَ
ظالمن تي مگر خسارو. ۽ جڏهن نعمت ڪريون ٿا انسان تي ته منهن ٿو موڙي ۽
ظالمن بابت نقصان کان سواءِ (ٻيو ڪي) نه وڌائيندو آهي. ۽ جڏهن انسان تي ڪا نعمت (نازل)ڪندا آهيون (تڏهن) منهن موڙيندو آهي ۽

نَاٰ بِجَانِبِهٖ ج وَاِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ كَانَ يَئُوْسًا ﴿٨٣﴾ قُلْ كُلٌّ يَّعْمَلُ عَلٰى
ڦيري ٿو پنهنجو پاسو. ۽ جڏهن پهچي ٿي ان کي برائي ٿئي ٿو مايوس. تون چئو سڀ ڪو ڪم ڪري ٿو پنهنجي
پاسيرو ٿيندو آهي. ۽ جڏهن کيس تڪليف پهچندي آهي (تڏهن) مايوس ٿيندو آهي. (اي پيغمبرا) چئو ته سڀ ڪو پنهنجي ڍول تي ڪم ڪندو

ع ٩
شَاكِلَتِهٖ ط فَرَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَنْ هُوَ اَهْدٰى سَبِيْلًا ﴿٨٤﴾ ع وَيَسْئَلُوْنَكَ
ڍول تي، پوءِ رب توهانجو گهڻو ڄاڻندڙ آهي انهيءَ کي جيڪو وڌيڪ ونڌڙ آهي رستي کي. ۽ سوال ٿا ڪن توکان
آهي. پوءِ جيڪو وڌيڪ سڌيءَ واٽ تي آهي تنهن کي تنهنجو پالڻهار چڱيءَ طرح ڄاڻندو آهي. ۽ (اي پيغمبرا) توکان روح بابت پڇن ٿا.

عَنِ الرُّوْحِ ط قُلِ الرُّوْحُ مِنْ اَمْرِ رَبِّيْ وَمَآ اُوْتِيْتُمْ مِّنَ الْعِلْمِ اِلَّا
روح بابت. چؤ روح آهي منهنجي رب جو امر ۽ نه ڏنا ويا آهيو اوهين علم مگر
چئو ته روح منهنجي پالڻهار جي امر مان آهي ۽ اوهان کي ٿورڙي علم کان سواءِ ڪجهه نه ڏنو ويو آهي.

قَلِيْلًا ﴿٨٥﴾ وَلَئِنْ شِئْنَا لَنَذْهَبَنَّ بِالَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ ثُمَّ لَا تَجِدُ
ٿورو. ۽ جيڪڏهن اسان گهرون ته نيئون ان شيءِ کي جا وحي ڪئي اٿئون توڏانهن پوءِ نه لهندين
۽ جيڪو (قرآن) توڏانهن وحي ڪيوسون سو جيڪڏهن گهرون ته ورائي وٺون ته پوءِ تون پاڻ لاءِ

لَكَ بِهٖ عَلَيْنَا وَكِيْلًا ﴿٨٦﴾ لا اِلَّا رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ ط اِنَّ فَضْلَهٗ كَانَ
پنهنجي لاءِ اسان جي مٿان ڪو پرجهلو. مگر رحمت پنهنجي رب جي، بيشڪ مهرباني انهيءَ جي آهي
اسان تي ڪو پرجهلو نه لهندين. پر تنهنجي پالڻهار جي ٻاجهه (ان ورائي وٺڻ کي جهلي رکيو) آهي. جو ته سندس فضل

عَلَيْكَ كَبِيْرًا ﴿٨٧﴾ قُلْ لَّئِنِ اجْتَمَعَتِ الْاِنْسُ وَالْجِنُّ عَلٰٓى اَنْ يَّاْتُوْا
توتي وڏي. چؤ يقيناً جيڪڏهن گڏ ٿين انسان ۽ جن هن تي ته آڻين
توتي وڏو آهي. (اي پيغمبرا) چئو ته، جيڪڏهن ماڻهو ۽ جن، هن قرآن جهڙي (ٻئي ڪنهن ڪتاب)

بِمِثۡلِ هٰذَا الۡقُرۡاٰنِ لَا يَاۡتُوۡنَ بِمِثۡلِهٖ وَلَوۡ كَانَ بَعۡضُهُمۡ لِبَعۡضٍ

اهڙو قرآن تہ هرگز نہ آڻيندا اهڙو قرآن توڙي جو هجن هڪٻئي جا

آڻڻ لاءِ گڏ ٿين تہ ان جهڙو ڪڏهن آڻي نہ سگهندا جيتوڻيڪ هڪ ٻئي کي مدد ڏين.

ظَهِيۡرًا ﴿٨٨﴾ وَلَقَدۡ صَرَّفۡنَا لِلنَّاسِ فِيۡ هٰذَا الۡقُرۡاٰنِ مِنۡ كُلِّ مَثَلٍ ۫

مددگار. ۽ اسان ئي دهرايا آهن ماڻهن لاءِ هن قرآن ۾ سڀ مثال

۽ بيشڪ هن قرآن ۾ هر مثال ماڻهن لاءِ دهرائي بيان ڪيو اٿئون پر گهڻا ماڻهو

فَاَبٰٓى اَكۡثَرُ النَّاسِ اِلَّا كُفُوۡرًا ﴿٨٩﴾ وَقَالُوۡا لَنۡ نُّؤۡمِنَ لَكَ حَتّٰى تَفۡجُرَ

پر نہ رهيا اڪثر ماڻهو انڪار ڪرڻ کان. ۽ چيائون نہ مڃينداسون توکي جيستائين وهائين

بي شڪر ٿي انڪار ڪندا آهن. ۽ چوندا آهن تہ اسين توکي (ايستائين) ڪڏهن نہ مڃينداسون جيستائين

لَنَا مِنَ الۡاَرۡضِ يَنۡۢبُوۡعًا ﴿٩٠﴾ۙ اَوۡ تَكُوۡنَ لَكَ جَنَّةٌ مِّنۡ نَّخِيۡلٍ وَّ

اسان لاءِ ڌرتي مان چشمو. يا ٿئي تنهنجي لاءِ باغ کجين ۽

زمين ۾ اسان لاءِ ڪو چشمو وهائين. يا کجين ۽ انگورن مان تولاءِ ڪو باغ ٿئي پوءِ

عِنَبٍ فَتُفَجِّرَ الۡاَنۡهٰرَ خِلٰلَهَا تَفۡجِيۡرًا ﴿٩١﴾ۙ اَوۡ تُسۡقِطَ السَّمَآءَ كَمَا

انگورن جو پوءِ ڪڍين واهيون انهيءَ وچان وهائي. يا ڪيرائين آسمان کي جيئن

سندس وچ ۾ تون وهندڙ واهيون وهائين. يا جهڙيءَ طرح تو پانيو تهڙيءَ طرح اسان تي آسمان

زَعَمۡتَ عَلَيۡنَا كِسَفًا اَوۡ تَاۡتِيَ بِاللّٰهِ وَالۡمَلٰٓئِكَةِ قَبِيۡلًا ﴿٩٢﴾ۙ اَوۡ يَكُوۡنَ

چوندو آهين اسان تي ٽڪرا ڪري يا آڻين الله کي ۽ ملائڪن کي روبرو. يا ٿئي وٽي

ٽڪر ٽڪر ڪري ڪيرائين يا تون الله ۽ ملائڪن کي سامهون آڻين. يا توکي ڪا سوني

لَكَ بَيۡتٌ مِّنۡ زُخۡرُفٍ اَوۡ تَرۡقٰى فِي السَّمَآءِ ؕ وَلَنۡ نُّؤۡمِنَ لِرُقِيِّكَ

تولاءِ هڪ گهر سون سان سينگاريل يا تون چڙهين آسمان تي، ۽ نہ مڃينداسون تنهنجي چڙهڻ کي

ماڙي هجي يا آسمان تي چڙهين، ۽ تنهنجي چڙهڻ کي (ايستائين) ڪڏهن نہ مڃينداسون

حَتّٰى تُنَزِّلَ عَلَيۡنَا كِتٰبًا نَّقۡرَؤُهٗ ؕ قُلۡ سُبۡحَانَ رَبِّيۡ هَلۡ كُنۡتُ اِلَّا

جيستائين لاهي آڻين اسان تي ڪتاب جنهن کي اسين پڙهون، تون چؤ پاڪائي منهنجي رب جي نہ آهيان آءٌ مگر

جيستائين اسان تي (اهڙو لکيل) ڪتاب لاهين جنهن کي پڙهون، چئو تہ، منهنجو پالڻهار پاڪ آهي. آءٌ رڳو

بَشَرًا رَّسُوۡلًا ﴿٩٣﴾ؑ وَمَا مَنَعَ النَّاسَ اَنۡ يُّؤۡمِنُوۡٓا اِذۡ جَآءَهُمُ الۡهُدٰٓى ع ١٠ ٩

هڪ انسان رسول. ۽ نہ جهليو ماڻهن کي ايمان آڻڻ کان جڏهن آئي انهن وٽ هدايت

پيغام پهچائڻ وارو آهيان. ۽ جڏهن ماڻهن وٽ هدايت آئي (تڏهن) ڪين ايمان آڻڻ کان هن ڳالهہ ڪنهن نہ جهليو آهي

اِلَّآ اَنْ قَالُوْٓا اَبَعَثَ اللّٰهُ بَشَرًا رَّسُوْلًا ﴿٩٤﴾ قُلْ لَّوْ كَانَ فِي الْاَرْضِ
مگر هن ڳالهہ جو چون لڳا ڇا پلا موڪليو آهي الله آدمي کي رسول ڪري. تون چؤ جيڪڏهن هجن ها ڌرتيءَ تي
جو چوندا آهن تہ الله ڇو ماڻهو کي پيغمبر ڪري موڪليو؟ (اي پيغمبرا) چئو تہ. جيڪڏهن ملائڪ (اوهان جيان)

مَلٰٓئِكَةٌ يَّمْشُوْنَ مُطْمَئِنِّيْنَ لَنَزَّلْنَا عَلَيْهِمْ مِّنَ السَّمَآءِ مَلَكًا
ملائڪ جيڪي گهمن ها آرام سان تہ موڪليون ها انهن تي آسمان مان ملڪ کي
زمين ۾ تڪندڙ ٿي گهمن ڦرن ها تہ اسين مٿن ضرور آسمان مان ملائڪ پيغمبر ڪري موڪليون ها.

رَّسُوْلًا ﴿٩٥﴾ قُلْ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًاۢ بَيْنِيْ وَبَيْنَكُمْ ۭ اِنَّهٗ كَانَ بِعِبَادِهٖ
رسول ڪري. چؤ تہ ڪافي آهي الله شاهد منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾. بيشڪ اهو آهي پنهنجن ٻانهن
(اي پيغمبرا) چئو تہ. الله اوهان ۽ اسان جي وچ ۾ شاهد ڪافي آهي. بيشڪ اهو پنهنجن ٻانهن جي

خَبِيْرًۢا بَصِيْرًا ﴿٩٦﴾ وَمَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِ ۚ وَمَنْ يُّضْلِلْ فَلَنْ
جي خبر رکندڙ نظر رکندڙ. ۽ جنهنکي الله راهہ وٺائي پوءِ اهو آهي هدايت وارو ۽ جنهنکي گمراهہ ڪري پوءِ نہ
خبر رکندڙ ڏسندڙ آهي.۽ جنهن کي الله هدايت ڪئي سو هدايت وارو آهي، ۽ جيڪي گمراهہ ٿيا

تَجِدَ لَهُمْ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِهٖ ۭ وَنَحْشُرُهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ
لهندين تون انهن لاءِ ڪوئي دوست الله کانسواءِ ۽ اٿاريندا سون انهن کي قيامت ڏينهن
تن لاءِ تون الله کان سواءِ ڪو بہ دوست نہ لهندين. ۽ ڪين قيامت جي ڏينهن سندن منهن ڀر

عَلٰي وُجُوْهِهِمْ عُمْيًا وَّبُكْمًا وَّصُمًّا ۭ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ۭ كُلَّمَا خَبَتْ زِدْنٰهُمْ
سندن منهن ڀر انڌو ۽ گونگو ڪري، ۽ ٻوڙو جاءِ انهنجي جهنم آهي، جڏهن بہ جهڪو ٿيندو تہ ٻرڪائيندا سون انهن تي
انڌا ۽ گونگا ۽ ٻوڙا ڪري گڏ ڪنداسون، سندن جاءِ دوزخ آهي، جنهن مهل جهڪو ٿيندو تنهن مهل انهن لاءِ دوزخ

سَعِيْرًا ﴿٩٧﴾ ذٰلِكَ جَزَآؤُهُمْ بِاَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِنَا وَقَالُوْٓا ءَاِذَا كُنَّا
باهہ کي. اها انهن جي سزا آهي جو اهي انڪار ڪندا هئا اسان جي آيتن جو ۽ چوندا هئا ڇا جڏهن اسان
کي وڌيڪ تپائينداسون. اها سندن سزا هن سبب آهي جو اسان جي نشانين جو انڪار ڪيائون ۽ چيائون تہ جڏهن اسين

عِظَامًا وَّرُفَاتًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ خَلْقًا جَدِيْدًا ﴿٩٨﴾ اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ
ٿينداسون هڏا ذرا ذرا ڇا اسان اٿاريا ويندا سون پيدا ٿي نئين سر. ڇا نہ ڏٺو اٿن تہ
هڏا ۽ چورو ٿينداسون (تڏهن) وري نئين سر پيدا ٿي اٿاريا ويندا سون ڇا؟ نہ ڏسندا آهن ڇا تہ.

اللّٰهَ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ قَادِرٌ عَلٰٓي اَنْ يَّخْلُقَ مِثْلَهُمْ
الله اهو آهي جنهن پيدا ڪيو آسمانن ۽ زمين کي قادر آهي جو پيدا ڪري انهن جهڙا ٻيا
جنهن الله آسمانن ۽ زمين کي بڻايو سو سندن اهڙي بڻائڻ تي وس وارو آهي ۽ انهن لاءِ اها مدت مقرر

النّصف

وَجَعَلَ لَهُمْ اَجَلًا لَّا رَيْبَ فِيْهِ ط فَاَبَى الظّٰلِمُوْنَ اِلَّا كُفُوْرًا ﴿٩٩﴾ قُلْ

۽ ڪري انهن لاءِ هڪ وقت جنهن ۾ شڪ ناهي، پوءِ انڪار ڪيو ظالمن رڳو بي شڪرٽي. چئو

ڪيائين جنهن ۾ ڪو شڪ نه آهي، پوءِ ظالم انڪار ڪان سواءِ ڪجهه قبول نه ڪندا آهن. (اي پيغمبر!) چئو ته،

لَّوْ اَنْتُمْ تَمْلِكُوْنَ خَزَآئِنَ رَحْمَةِ رَبِّيْٓ اِذًا لَّاَمْسَكْتُمْ خَشْيَةَ

جيڪڏهن توهان مالڪ هجو ها منهنجي رب جي رحمت جي خزانن جا ته ضرور بند رکو ها ڪپائي ڇڏڻ جي

جيڪڏهن اوهين منهنجي پالڻهار جي ٻاجهه جي خزانن جا مالڪ هجو ها ته اُنهيءَ مهل (سڀ) خرچ ٿي وڃڻ جي ڀؤ ڪان

الْاِنْفَاقِ ط وَكَانَ الْاِنْسَانُ قَتُوْرًا ﴿١٠٠﴾ ع وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسٰى تِسْعَ اٰيٰتٍۢ ع ١١

خوف ڪان، ۽ آهي انسان تنگ دل. ۽ اسان ڏنيون موسيٰ کي نَوَ نشانيون

اوهين ضرور بند رکو ها. ۽ انسان ڀڪو پيچ (بخيل) آهي. ۽ بيشڪ موسيٰ کي نَوَ پڌريون نشانيون ڏنيون سون

بَيِّنٰتٍ فَسْئَلْ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اِذْ جَآءَهُمْ فَقَالَ لَهٗ فِرْعَوْنُ

چٽيون پوءِ تون پڇ بني اسرائيل کان جڏهن اهو آيو انهن وٽ ته چيو انهيءَ کي فرعون

پوءِ بني اسرائيلن کان پڇ ته جڏهن (اُهو) وٽن آيو تڏهن ڪيس فرعون چيو ته، اي موسيٰ!

اِنِّيْ لَاَظُنُّكَ يٰمُوْسٰى مَسْحُوْرًا ﴿١٠١﴾ قَالَ لَقَدْ عَلِمْتَ مَآ اَنْزَلَ هٰٓؤُلَآءِ

آءٌ ڀانيان ٿو توکي اي موسيٰ جادو ڪيل. فرمايائين تون ڄاڻين ٿو ته نه لاٿيون آهن هي نشانيون

بيشڪ توکي يقينن جادو ٿيل ڀائيندو آهيان. (موسيٰ) چيو ته، بيشڪ تو ڄاتو آهي ته اِهي (نشانيون)

اِلَّا رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ بَصَآئِرَ ج وَاِنِّيْ لَاَظُنُّكَ يٰفِرْعَوْنُ

مگر رب آسمانن ۽ زمين جي ظاهر دليل ڪري ۽ آءٌ سمجهان ٿو توکي اي فرعون

آسمانن ۽ زمين جي پالڻهار ڪان سواءِ (ٻئي ڪنهن) نه نازل ڪيون آهن (اوهان جي) سمجهاڻ لاءِ (ته ڪين ڏسي مون کي مڃيو)، ۽ اي فرعون!

مَثْبُوْرًا ﴿١٠٢﴾ فَاَرَادَ اَنْ يَّسْتَفِزَّهُمْ مِّنَ الْاَرْضِ فَاَغْرَقْنٰهُ وَمَنْ

تباهه ٿيندين. پوءِ ارادو ڪيائين ته پريشان ڪري انهن کي ملڪ ۾ پوءِ ٻوڙيوسون انکي ۽ جيڪي

بيشڪ آءٌ توکي (اُنهن جي انڪار سببان) هلاڪ ٿيل ڀائيندو آهيان. پوءِ فرعون ملڪ مان سندن لوڏڻ جو ارادو ڪيو، پوءِ فرعون ۽ سندس

مَّعَهٗ جَمِيْعًا ﴿١٠٣﴾ لا وَّقُلْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ لِبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اسْكُنُوا

انهيءَ سان گڏ هئا سمورا. ۽ چيوسون ان ڪان بعد بني اسرائيل کي توهان رهو

ساري سنگت کي ٻوڙيوسون. ۽ ڪانئس پوءِ بني اسرائيلن کي چيوسون ته انهيءَ ملڪ ۾ رهو

الْاَرْضَ فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ الْاٰخِرَةِ جِئْنَا بِكُمْ لَفِيْفًا ﴿١٠٤﴾ ط وَبِالْحَقِّ

ملڪ ۾ پوءِ جڏهن ايندو وعدو آخرت جو آڻينداسون توهان کي گڏي سڏي. ۽ حق سان

پوءِ جڏهن آخرت جو وعدو آيو (تڏهن) اوهان کي لپيٽي آڻينداسون. ۽ اُن (قرآن) کي اسان سچ سان نازل

وقف لازم

اَنۡزَلۡنٰهُ وَبِالۡحَقِّ نَزَلَ ؕ وَمَاۤ اَرۡسَلۡنٰكَ اِلَّا مُبَشِّرًا وَّنَذِيۡرًا ﴿۱۰۵﴾

نازل ڪيوسون قرآن کي ۽ حق سان لٿو. ۽ نہ موڪليوسون توکي مگر خوشخبري ڏيندڙ ۽ خوف ڀڏائيندڙ.

ڪيو آهي ۽ اهو سچ سان نازل ٿيو آهي. ۽ توکي خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ کان سواءِ نہ موڪليوسون.

وَقُرۡاٰنًا فَرَقۡنٰهُ لِتَقۡرَاَهٗ عَلَى النَّاسِ عَلٰى مُكۡثٍ وَّنَزَّلۡنٰهُ تَنۡزِيۡلًا ﴿۱۰۶﴾

۽ قرآن کي ڌار ڌار ڪيوسون جيئن تون پڙهين اهو ماڻهن تي ڍر سان ۽ نازل ڪيوسون انهيءَ کي درجي بدرجي.

۽ اسان قرآن کي جدا جدا (سورتون ۽ آيتون) هن لاءِ ڪيوسون تہ اهو ماڻهن کي آهستي آهستي پڙهي ٻڌائين ۽ اُن کي ٿورو ٿورو ڪري لاٿوسون.

قُلۡ اٰمِنُوۡا بِهٖۤ اَوۡ لَا تُؤۡمِنُوۡا ؕ اِنَّ الَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡعِلۡمَ مِنۡ قَبۡلِهٖۤ اِذَا

چؤ توهان مڃيو انکي يا نہ مڃيو. بيشڪ جن کي ڏنو ويو آهي علم انهيءَ کان اڳ ۾ جڏهن

(اي پيمغبر!) چئو تہ اوهين اُن (قرآن) کي مڃيو توڙي نہ مڃيو. بيشڪ جن کي هن کان اڳ علم ڏنو ويو آهي تن وٽ جڏهن

يُتۡلٰى عَلَيۡهِمۡ يَخِرُّوۡنَ لِلۡاَذۡقَانِ سُجَّدًا ۙ﴿۱۰۷﴾ وَّيَقُوۡلُوۡنَ سُبۡحٰنَ رَبِّنَاۤ

تلاوت ڪئي وڃي ٿي انهن تي تہ ڪري پوندا آهن منهن ڀر سجدي ۾. ۽ چوندا آهن پاڪ آهي اسان جو پروردگار

(قرآن) پڙهبو آهي (تڏهن) سجدو ڪندڙ ٿي ڪاڏين ڀر ڪِرندا آهن. ۽ چوندا آهن تہ اسان جو پالڻهار پاڪ آهي.

اِنۡ كَانَ وَعۡدُ رَبِّنَا لَمَفۡعُوۡلًا ﴿۱۰۸﴾ وَيَخِرُّوۡنَ لِلۡاَذۡقَانِ يَبۡكُوۡنَ وَ

بيشڪ آهي وعدو اسان جي رب جو پورو ٿيل. ۽ ڪِرندا آهن ڪاڏين ڀر روئندي ۽

بيشڪ اسان جي پالڻهار جو انجام ضرور (پورو) ٿيڻو آهي. ۽ روئندا ڪاڏين ڀر ڪِرندا آهن ۽ (قرآن)

السجدة ۳

يَزِيۡدُهُمۡ خُشُوۡعًا ۩ ﴿۱۰۹﴾ قُلِ ادۡعُوا اللّٰهَ اَوِ ادۡعُوا الرَّحۡمٰنَ ؕ اَيًّا مَّا

وڌائي ٿو انهن جي عاجزي کي. چؤ سڏيو الله کي يا سڏيو رحمان کي. جيئن بہ

منجهن عاجزي وڌائيندو آهي. (اي پيمغبر!) چئو تہ (الله کي) الله سڏيو يا رحمان سڏيو. جنهن نالي سان

تَدۡعُوۡا فَلَهُ الۡاَسۡمَآءُ الۡحُسۡنٰى ۚ وَلَا تَجۡهَرۡ بِصَلَاتِكَ وَلَا

سڏيو پوءِ انهيءَ جا سڀ نالا سهڻا آهن. ۽ نہ ڏاڍيان پڙهہ پنهنجي نماز ۽ نہ

(اوهين) سڏيو انهيءَ جا (سڀ) نالا سهڻا آهن. ۽ پنهنجي نماز ۾ نڪي تمام ڏاڍيان پڙهہ ۽ نڪي

تُخَافِتۡ بِهَا وَابۡتَغِ بَيۡنَ ذٰلِكَ سَبِيۡلًا ﴿۱۱۰﴾ وَقُلِ الۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِىۡ

هوريان پڙهہ اِها ۽ وٺ وچٿرو رستو. ۽ چؤ سڀ تعريفون الله جون آهن جو

تمام هوريان پڙهہ. انهيءَ جي وچواري واٽ اختيار ڪر. ۽ چئو تہ. سڀ ساراهہ انهيءَ الله کي جڳائي جنهن

لَمۡ يَتَّخِذۡ وَلَدًا وَّلَمۡ يَكُنۡ لَّهٗ شَرِيۡكٌ فِى الۡمُلۡكِ وَلَمۡ يَكُنۡ

نہ ٿو رکي اولاد ۽ ناهي ان جو ڪو شريڪ ملڪ ۾ ۽ ناهي

(پاڻ لاءِ) ڪو اولاد نہ ورتو آهي ۽ نڪي سندس ملڪ ۾ ڪو ڀائيوار آهي ۽ نڪي

لَّهٗ وَلِیٌّ مِّنَ الذُّلِّ وَكَبِّرْهُ تَكْبِیْرًا ﴿۱۱۱﴾ ع ۱۲

ان جو كوئي مددگار كمزوري كان ۽ وڏائي بيان كر انهيءَ جي تمام وڏو ڄاڻي.

كنهن هيٺائي جي سبب سندس كو مددگار آهي ۽ هن جي گهڻي قدر وڏائي بيان كر.

سُوْرَةُ الْكَهْفِ مَكِّيَّةٌ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ | اٰیَاتُهَا ۱۱۰ رُكُوْعَاتُهَا ۱۲

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْٓ اَنْزَلَ عَلٰی عَبْدِهِ الْكِتٰبَ وَلَمْ یَجْعَلْ لَّهٗ

سڀ تعريف الله لاءِ آهي، جنهن نازل كيو پنهنجي ٻانهي تي كتاب ۽ نہ كيائين ان ۾

سڀ ساراهہ انهيءَ الله كي جڳائي جنهن پنهنجي ٻانهي (محمد ﷺ) تي كتاب لاٿو ۽ ان ۾ كو ڏِنگ (ڏانو) نہ

عِوَجًا ﴿۱﴾ قَیِّمًا لِّیُنْذِرَ بَاْسًا شَدِیْدًا مِّنْ لَّدُنْهُ وَیُبَشِّرَ الْمُؤْمِنِیْنَ

كو وِڪُڙ. بالكل سڌو جئن ڊيڄاري عذاب سخت كان پنهنجي طرفان ۽ خوشخبري ڏئي ايمان وارن كي

رکيائين. (هن لاءِ) سڌو كيائين تہ پاڻ وٽان سخت مصيبت كان كافرن كي ڊيڄاري ۽ انهن مومنن كي خوشخبري

الَّذِیْنَ یَعْمَلُوْنَ الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ اَجْرًا حَسَنًا ﴿۲﴾ مّٰكِثِیْنَ فِیْهِ

جيكي كندا آهن چڱا كم تہ انهن لاءِ آهي اجر سٺو. ٽِكندا ان ۾

ڏئي جيكي چڱا كم كندا آهن تہ انهن لاءِ چڱو اجر آهي. منجهس سدائين رهڻ وارا آهن.

اَبَدًا ﴿۳﴾ وَّیُنْذِرَ الَّذِیْنَ قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا ﴿۴﴾ مَا لَهُمْ بِهٖ مِنْ

هميشہ. ۽ خوف ڏياري انهن كي جن چيو تہ ورتو آهي الله پٽ. كانهي انهن كي ان جي كا

۽ انهن كي ڊيڄاري جيكي چون ٿا تہ الله (پاڻ لاءِ) پٽ ورتو آهي. جنهن جو نكي كين

عِلْمٍ وَّلَا لِاٰبَآئِهِمْ ؕ كَبُرَتْ كَلِمَةً تَخْرُجُ مِنْ اَفْوَاهِهِمْ ؕ اِنْ

خبر ۽ نكي سندن ابن ڏاڏن كي، وڏي آهي اها ڳالهہ جا نكري ٿي انهن جي واتن مان، نہ ٿا

۽ نكي سندن پيءُ ڏاڏن كي كو علم آهي. وڏي (گناهہ جي) ڳالهہ آهي جا سندن واتن مان نكري ٿي! آهي

یَّقُوْلُوْنَ اِلَّا كَذِبًا ﴿۵﴾ فَلَعَلَّكَ بَاخِعٌ نَّفْسَكَ عَلٰٓی اٰثَارِهِمْ اِنْ لَّمْ

ڳالهائن مگر كوڙ. سو شايد تون هلاك كندين پنهنجي سر كي انهن جي پٺيان جيكڏهن اهي نہ

كوڙ ڇوڻ كان سواءِ (ٻيو كجهہ) نہ چوندا آهن. جيكڏهن انهن هن (قرآن واري) ڳالهہ تي ايمان نہ آندو تہ شايد تون (اي

یُؤْمِنُوْا بِهٰذَا الْحَدِیْثِ اَسَفًا ﴿۶﴾ اِنَّا جَعَلْنَا مَا عَلَی الْاَرْضِ زِیْنَةً

مڃين هن ڳالهہ كي ارمان كندي. اسان بڻايو سون ان كي جيكي ڌرتي مٿان آهي سينگار

پيغمبرا ان) ارمان كان سندن پويان پاڻ هلاك كرين. جيكي زمين تي آهي سو اسان اُن جي سينگار لاءِ هن كري كيو

لَّهَا لِنَبۡلُوَهُمۡ اَيُّهُمۡ اَحۡسَنُ عَمَلًا ۞٧ وَاِنَّا لَجٰعِلُوۡنَ مَا عَلَيۡهَا

ان جو جئن آزمايون انهنکي تہ کهڙا آهن نيکو کار. ۽ اسان ئي کندڙ آهيون جيکي انهيءَ تي آهي

تہ کين آزمايون تہ انهن منجهان عملن ۾ وڌيک چڱو کير آهي؟. ۽ ان زمين تي جيکا (آبادي) آهي سا اسين

صَعِيۡدًا جُرُزًا ۞٨ اَمۡ حَسِبۡتَ اَنَّ اَصۡحٰبَ الۡكَهۡفِ وَالرَّقِيۡمِ ۙ

ميدان صاف. چا تو سمجهيو آهي تہ صاحب غار جا ۽ رقيم وارا

ميدان کرڻ وارا آهيون. ڀانيو اٿيئي چا؟ تہ غار ۽ رقيم (سندن نالن واري ڪتبي) وارا

كَانُوۡا مِنۡ اٰيٰتِنَا عَجَبًا ۞٩ اِذۡ اَوَى الۡفِتۡيَةُ اِلَى الۡكَهۡفِ فَقَالُوۡا رَبَّنَاۤ

اسان جي قدرتن مان عجيب آهن. جڏهن پناهه ورتي جوانن ڇُر ۾ پوءِ چيائون اي رب اسان جا

اسان جي عجب نشانين مان هئا!. جڏهن غار ۾ انهن جوانن پناهه ورتي تڏهن چيائون تہ اي اسان جا پالڻهار!

اٰتِنَا مِنۡ لَّدُنۡكَ رَحۡمَةً وَّهَيِّئۡ لَنَا مِنۡ اَمۡرِنَا رَشَدًا ۞١٠ فَضَرَبۡنَا

ڪر اسان تي پنهنجي طرفان ٻاجهه ۽ تيار ڪر اسان لاءِ اسان جي ڪم ۾ آساني. پوءِ هنياسون

پاڻ وٽان اسان کي ٻاجهه عطا ڪر ۽ اسان جي ڪم ۾ اسان لاءِ آساني ڪر!. پوءِ ڪيترائي ورهه غار ۾ سندن ڪنن تي

عَلٰۤى اٰذَانِهِمۡ فِى الۡكَهۡفِ سِنِيۡنَ عَدَدًا ۞١١ ۙ ثُمَّ بَعَثۡنٰهُمۡ لِنَعۡلَمَ اَىُّ

انهن جي ڪنن تي پردا غار ۾ ڪيترائي سال. پوءِ اٿاريوسون انهنکي جيئن ڄاڻون تہ

(ڪهاڻي ننڊ جا پردا) هنياسون. وري کين هن لاءِ اٿاريوسون تہ ڏيکاريون تہ جا مدت رهيا سا

ع٢ ١٤ الۡحِزۡبَيۡنِ اَحۡصٰى لِمَا لَبِثُوۡۤا اَمَدًا ۞١٢ ع نَحۡنُ نَقُصُّ عَلَيۡكَ نَبَاَهُمۡ

ٻن ٽولن مان ڪهڙي ڳڻيو آهي پنهنجي رهڻ جو وقت. اسان ٻڌايون ٿا توکي خبر انهن جي

ٻنهي ٽولين مان ڪهڙيءَ کي ياد آهي؟. اسين توکي سندن سچي خبر بيان ڪريون ٿا. بيشڪ اُهي چند نوجوان

بِالۡحَقِّ ؕ اِنَّهُمۡ فِتۡيَةٌ اٰمَنُوۡا بِرَبِّهِمۡ وَزِدۡنٰهُمۡ هُدًى ۞١٣ ۖ ق وَّرَبَطۡنَا

پوري، تہ اهي اهڙا جوان هئا جن ايمان آندو هئو پنهنجي پالڻهار تي ۽ اسان وڌائي هئي انهن جي سمجهه. ۽ ڏاڍو ڪيوسون

هئا جو پنهنجي رب تي ايمان آندو هئائون ۽ کين وڌيڪ هدايت ڪئي هئي سون. ۽ سندن دلين کي مضبوط

عَلٰى قُلُوۡبِهِمۡ اِذۡ قَامُوۡا فَقَالُوۡا رَبُّنَا رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ

انهن جي دلين کي جڏهن اٿيا تہ چيائون اسانجو رب آهي رب آسمانن ۽ زمين جو

ڪيوسون. جڏهن اٿيا تڏهن چيائون تہ، اسان جو رب! آسمانن ۽ زمين جو رب آهي ان کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي

لَنۡ نَّدۡعُوَا۟ مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اِلٰهًا لَّقَدۡ قُلۡنَاۤ اِذًا شَطَطًا ۞١٤ هٰٓؤُلَاۤءِ قَوۡمُنَا

هرگز نہ سڏينداسون انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڏٿي نہ تہ ڳالهايوسون تڏهن عقل کان پري. اها اسان جي قوم آهي

معبود ڪري نہ سڏينداسون (جي سڏيوسون تہ) ضرور بيشڪ اُنهي مهل بيهودي ڳالهہ چئي سون. اسان جي هن

اِتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اٰلِهَةً ؕ لَوْلَا يَاْتُوْنَ عَلَيْهِمْ بِسُلْطٰنٍۭ بَيِّنٍ ؕ
جن بڻايا اللہ کان سواءِ ٻيا خدا. ڇو نہ ٿا آڻين انھن تي ڪو دليل پڌرو.
قوم اللہ کان سواءِ ٻيا معبود ورتا آھن. مٿن ڇو نہ ڪو پڌرو دليل آڻيندا آھن؟ پوءِ جيڪو
فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ؕ ⑮ وَاِذِ اعْتَزَلْتُمُوْهُمْ
پوءِ ڪير وڌيڪ ظالم آھي ان کان جيڪو ٺاھي الله تي ڪوڙ. ۽ جڏھن پاسيرا ٿيا آھيو انھن کان
الله تي ڪوڙو ناھ ٺاھي تنھن کان وڌيڪ ظالم ڪير آھي؟. ۽ جڏھن اوھين انھن (مشرڪن) کان ۽ الله کان سواءِ
وَمَا يَعْبُدُوْنَ اِلَّا اللّٰهَ فَاْوٗٓا اِلَى الْكَهْفِ يَنْشُرْ لَكُمْ رَبُّكُمْ
۽ جن جي عبادت ڪن ٿا الله کانسواءِ پوءِ ھلي ويھو غار ۾ تہ پکيڙيندو توھان لاءِ توھان جو رب
جن کي پوڄيندا آھن تن کان پاسي ٿيو تڏھن غار ڏانھن پناہ وٺو تہ اوھان جو رب اوھان لاءِ پنھنجي رحمت پکيڙيندو
مِّنْ رَّحْمَتِهٖ وَيُهَيِّئْ لَكُمْ مِّنْ اَمْرِكُمْ مِّرْفَقًا ⑯ وَتَرَى الشَّمْسَ اِذَا
پنھنجي رحمت ۽ تيار ڪندو توھان لاءِ توھان جي ڪم ۾ آساني. ۽ تون ڏسندين سج کي جڏھن
۽ اوھان جي ڪم ۾ اوھان لاءِ سولائي مھيا ڪندو. ۽ (اي ڏسندڙ!) جڏھن سج اُڀري (تڏھن)
طَلَعَتْ تَّزٰوَرُ عَنْ كَهْفِهِمْ ذَاتَ الْيَمِيْنِ وَاِذَا غَرَبَتْ تَّقْرِضُهُمْ
اڀري ٿو تہ لڙي ٿو انھن جي غار کان طرف ساڄي ۽ جڏھن لھي ٿو تہ ڪتي ٿو انھن کي
ڏسندين تہ (اُس) سندن غار کان سڄي پاسي لڙندي آھي ۽ جڏھن لھي تڏھن سندس کاٻي پاسي
ذَاتَ الشِّمَالِ وَهُمْ فِيْ فَجْوَةٍ مِّنْهُ ؕ ذٰلِكَ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ ؕ مَنْ
طرف کاٻي ۽ اھي آھن اگهٽ ۾ ان جي. اھو نظارو الله جي قدرتن مان آھي، جنھن کي
مڙندي آھي ۽ اھي ان (غار جي) ويڪرائيءَ ۾ آھن. اِھا الله جي نشانين مان آھي. جنھن کي الله ھدايت
يَّهْدِ اللّٰهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِ ۚ وَمَنْ يُّضْلِلْ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ وَلِيًّا
ھدايت ڪري الله تہ اھو ھدايت وارو آھي، ۽ جنھن کي گمراھ ڪري تہ نہ لھندين تون ان جو ڪوئي ساٿي
ڪري سو ھدايت وارو آھي، ۽ جنھن کي گمراھ ڪري تنھن لاءِ ڪو بہ دوست واٽ ڏيکاريندڙ نہ لھندين.
مُّرْشِدًا ⑰ ع وَتَحْسَبُهُمْ اَيْقَاظًا وَّهُمْ رُقُوْدٌ ۖ وَّنُقَلِّبُهُمْ ذَاتَ ع ١٥
رھبر. ۽ تون سمجھندين انھن کي جاڳندڙ ھوڏانھن اھي سُتل آھن ۽ اٿلايون ٿا انھن کي طرف
۽ تون کين جاڳندڙ ڀائيندين پر اِھي (ننڊ ۾) سمھيل آھن ۽ کين ساڄي پاسي ۽
الْيَمِيْنِ وَذَاتَ الشِّمَالِ ۖ وَكَلْبُهُمْ بَاسِطٌ ذِرَاعَيْهِ بِالْوَصِيْدِ ؕ
ساڄي ۽ طرف کاٻي ۽ سندن ڪتو ٽاريون ويلو آھي پنھنجون دستيون در تي،
کاٻي پاسي تي اٿلائيندا آھيون ۽ سندن ڪُتو چائنٽ تي اڳيون ٽنگون ڊگھيريو پيو آھي،

لَوِ اطَّلَعْتَ عَلَيْهِمْ لَوَلَّيْتَ مِنْهُمْ فِرَارًا وَّلَمُلِئْتَ مِنْهُمْ رُعْبًا ﴿١٨﴾
جي تون ليئو پائين انهن ڏانهن تہ پٺي ڏئي ڀڄين انهن کان ۽ ڀرجي وڃين انهن کان دهشت ۾.
جيڪڏهن مٿن ليهي ڏسين تہ کانئن ڀڄندڙ ٿي پٺي ڦيرين ۽ کانئن دهشت مان ڀرجي وڃين.
وَكَذٰلِكَ بَعَثْنٰهُمْ لِيَتَسَآءَلُوْا بَيْنَهُمْ ؕ قَالَ قَآئِلٌ مِّنْهُمْ كَمْ
۽ ائين ئي اٿاريوسون انهن کي جيئن پڇا ڳاڇا ڪن پاڻ ۾، ڳالهايو هڪڙي انهن مان ڪيترو
۽ اهڙيءَ طرح کين هن لاءِ اٿاريوسون تہ پاڻ ۾ پڇن، منجهائن چوندڙ چيو تہ (اوهين هتي) ڪيترو ٽڪيو؟
لَبِثْتُمْ ؕ قَالُوْا لَبِثْنَا يَوْمًا اَوْ بَعْضَ يَوْمٍ ؕ قَالُوْا رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَا
ٽڪيا آهيو، چيائون ٽڪيا آهيون ڏينهن يا حصو ڏينهن جو، چيائون رب توهانجو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جيترو
چيائون تہ هڪ ڏينهن يا ڏينهن جو ڪجهه (حصو) رهياسون. (ڪن) چيو تہ جيترو اوهين رهيا آهيو سو اوهان
لَبِثْتُمْ ؕ فَابْعَثُوْٓا اَحَدَكُمْ بِوَرِقِكُمْ هٰذِهٖٓ اِلَى الْمَدِيْنَةِ فَلْيَنْظُرْ
رهيا آهيو، پوءِ موڪليو پاڻ مان هڪڙي کي پنهنجي سِڪي هِن سان شهر ڏانهن پوءِ ڏسي تہ
جو رب وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي، پوءِ پاڻ مان هڪ کي هن پنهنجي سِڪي سان شهر ڏانهن موڪليو پوءِ پلي ڏسي
اَيُّهَآ اَزْكٰى طَعَامًا فَلْيَاْتِكُمْ بِرِزْقٍ مِّنْهُ وَلْيَتَلَطَّفْ وَلَا يُشْعِرَنَّ
ڪهڙو آهي پاڪ کاڌو پوءِ آڻي توهان لاءِ کاڌو ان مان ۽ سوچي ڪم ڪري ۽ نہ پتو ڏئي
تہ اُن (ڳوٺ) جو ڪهڙو وڌيڪ پاڪ (حلال) طعام آهي پوءِ منجهانئس ڪجهه (طعام) اوهان وٽ آڻي ۽ جڳائي تہ (خريداري مهل) نرمي (۽
بِكُمْ اَحَدًا ﴿١٩﴾ اِنَّهُمْ اِنْ يَّظْهَرُوْا عَلَيْكُمْ يَرْجُمُوْكُمْ اَوْ يُعِيْدُوْكُمْ
توهانجو ڪنهين کي. اهي جيڪڏهن واقف ٿيندا توهان تي تہ پٿر هڻندا توهانکي يا موٽائيندا توهانکي
هوشياري) ڪري ۽ اوهان جو حال ڪنهن هڪڙي کي (بہ) نہ ڄاڻائي. ڇو تہ جيڪڏهن (اهي) اوهان تي واقف ٿيندا تہ اوهان کي سنگسار ڪندا يا
فِيْ مِلَّتِهِمْ وَلَنْ تُفْلِحُوْٓا اِذًا اَبَدًا ﴿٢٠﴾ وَكَذٰلِكَ اَعْثَرْنَا عَلَيْهِمْ
پنهنجي مذهب ۾ ۽ هرگز نہ ڇٽي سگهندؤ تنهن وقت ڪڏهن بہ. ۽ اهڙي طرح واقف ڪرايوسون انهن تي
پنهنجي مذهب ۾ اوهان کي موٽائيندا ۽ انهيءَ مهل اوهين بلڪل ڪڏهن نہ ڪامياب ٿيندؤ. ۽ اهڙيءَ طرح (تڏهن) ماڻهن کي هن لاءِ مٿن
لِيَعْلَمُوْٓا اَنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّاَنَّ السَّاعَةَ لَا رَيْبَ فِيْهَا ۚ اِذْ
جئن ماڻهو ڄاڻن تہ وعدو الله جو سچو آهي ۽ بيشڪ قيامت ناهي ڪو شڪ ان ۾، جڏهن
خبردار ڪيوسون تہ ڄاڻن تہ الله جو انجام سچو آهي ۽ بيشڪ قيامت (ٿيڻي) آهي، منجهس ڪو شڪ نہ آهي، تڏهن
يَتَنَازَعُوْنَ بَيْنَهُمْ اَمْرَهُمْ فَقَالُوا ابْنُوْا عَلَيْهِمْ بُنْيَانًا ؕ رَبُّهُمْ
ماڻهو جهڳڙو پيا ڪن پاڻ ۾ پنهنجي ڳالهہ تي پوءِ چيائون اڏيو انهن تي ڪا جاءِ، انهن جو رب
انهن جي ڳالهہ بابت پاڻ ۾ جهڳڙو ڪرڻ لڳا، پوءِ چيائون تہ، انهن (جي غار) تي ڪا اڏاوت اڏيو، سندن پالڻهار

نصف القرآن باعتبار عدد الحروف بان التاء بعد الياء من النصف الأول واللام الثانية من النصف الأخير ١٢

اَعْلَمُ بِهِمْ ؕ قَالَ الَّذِيْنَ غَلَبُوْا عَلٰٓى اَمْرِهِمْ لَنَتَّخِذَنَّ عَلَيْهِمْ

وڏيڪ ڄاڻي ٿو انهن کي، چيو انهن جيڪي اڳرا هئا پنهنجي ڪم ۾ ته ٺاهينداسون انهن وٽ

ڪين وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي، جيڪي پنهنجي ڳالهه ۾ غالب ٿيا تن چيو ته. انهن (جي غار) تي مسجد ضرور بڻائينداسون.

مَّسْجِدًا ﴿٢١﴾ سَيَقُوْلُوْنَ ثَلٰثَةٌ رَّابِعُهُمْ كَلْبُهُمْ ۚ وَيَقُوْلُوْنَ خَمْسَةٌ سَادِسُهُمْ

مسجد. اجهو چوندا اهي ٽي آهن چوٿون انهن جو ڪتو آهي، ۽ ڪي چوندا ته پنج آهن ڇهون انهن

(ڪي) چوندا ته (اهي) ٽي آهن، چوٿون سندن ڪُتو آهي، (ڪي) چوندا ته پنج آهن، ڇهون سندن

كَلْبُهُمْ رَجْمًا بِالْغَيْبِ ۚ وَيَقُوْلُوْنَ سَبْعَةٌ وَّثَامِنُهُمْ كَلْبُهُمْ ؕ قُلْ رَّبِّيْٓ

جو ڪتو آهي ڇُٽيندي اڻ ڏٺي کي، ۽ ڪي چوندا ته ست آهن ۽ اٺون انهن جو ڪتو آهي، تون چؤ منهنجو رب

ڪُتو آهي، ڳجهه بابت اٽڪل هڻندا آهن. ۽ (ڪي) چوندا ته ست آهن اٺون سندن ڪتو آهي. (اي پيغمبر!) چئو ته.

اَعْلَمُ بِعِدَّتِهِمْ مَّا يَعْلَمُهُمْ اِلَّا قَلِيْلٌ ۫ قف فَلَا تُمَارِ فِيْهِمْ اِلَّا مِرَآءً

بهتر ڄاڻي ٿو انهن جي عدد کي نه ٿا ڄاڻن انهن جي مگر ٿورا، پوءِ نه ڪر بحث انهن بابت مگر بحث

سندن ڳاڻيٽو منهنجو پالڻهار وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي. انهن کي رڳا ڪي ٿورا ڄاڻندا آهن. پوءِ انهن بابت سرسري جهڳڙي ڪرڻ کان سواءِ جهڳڙو نه ڪر

ظَاهِرًا ۪ وَّلَا تَسْتَفْتِ فِيْهِمْ مِّنْهُمْ اَحَدًا ﴿٢٢﴾ ع وَلَا تَقُوْلَنَّ لِشَايْءٍ اِنِّيْ ع ٣ ١٥

متاڇرو ۽ نه پڇا ڪر انهن جي هنن مان ڪنهن کان. ۽ نه چئجانءِ ڪنهن ڪم لاءِ ته آءٌ

۽ نڪي انهن بابت ڪافرن مان ڪنهن هڪ کان پڇا ڪرا. ۽ ڪنهن ڪم لاءِ هرگز نه چئو ته. آءٌ پڪ

فَاعِلٌ ذٰلِكَ غَدًا ﴿٢٣﴾ لا اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ ز وَاذْكُرْ رَّبَّكَ اِذَا نَسِيْتَ وَقُلْ

ڪندس اهو سڀاڻي. مگر هي ته جي گهري الله ۽ سنيال پنهنجي رب کي جڏهن وسارين ۽ چؤ

هيءُ سڀاڻي ڪندس!، پر (چئو) انشاء الله. ۽ جڏهن وسارين (تڏهن) پنهنجي رب کي ياد ڪر ۽ چئو ته.

عَسٰٓى اَنْ يَّهْدِيَنِ رَبِّيْ لِاَقْرَبَ مِنْ هٰذَا رَشَدًا ﴿٢٤﴾ وَلَبِثُوْا فِيْ كَهْفِهِمْ

اميد آهي ته ڏيکاريندو مونکي منهنجو رب وڌيڪ ويجهي انهيءَ کان چڱي راهه. ۽ اهي رهيا پنهنجي غار ۾

سگهوئي منهنجو پالڻهار هن کان به وڌيڪ ويجهو سڌو رستو مون کي ڏيکاريندو. ۽ اهي پنهنجي غار ۾

ثَلٰثَ مِائَةٍ سِنِيْنَ وَازْدَادُوْا تِسْعًا ﴿٢٥﴾ قُلِ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا لَبِثُوْا ۚ لَهٗ

ٽي سؤ سال ۽ وڌيڪ رهيا نو ورهيه. چؤ الله گهڻو ڄاڻي ٿو جيترو رهيا، انهي وٽ آهي

ٽن سون ورهن کان، نوَ ورهه وڌيڪ رهيا. چئو ته. جيڪي رهيا سو الله وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي. ان کي آسمانن

غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ اَبْصِرْ بِهٖ وَاَسْمِعْ ؕ مَا لَهُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ

ڳجهه آسمانن ۽ زمين جو، اهو واهه جو ڏسي ٿو ۽ واهه جو ٻڌي ٿو، نه آهي انهن لاءِ ان کانسواءِ

۽ زمين جو ڳجهه (معلوم) آهي. ڪهڙو عجيب ڏسندڙ ۽ ڪهڙو عجيب ٻڌندڙ آهي! ان کان سواءِ ڪو انهن جو مددگار نه آهي.

مِنۡ وَّلِیٍّ ز وَّلَا یُشۡرِكُ فِیۡ حُكۡمِهٖۤ اَحَدًا ﴿٢٦﴾ وَاتۡلُ مَاۤ اُوۡحِیَ اِلَیۡكَ

كوئي مددگار ۽ نہ ٿو شريڪ ڪري پنهنجي حڪومت ۾ ڪنهن کي. ۽ پڙهہ جيڪي وحي موڪليو ويو توڏانهن

۽ پنهنجي حڪم ۾ ڪنهن هڪ کي ڀائيوار نہ ڪندو آهي. ۽ تنهنجي پالڻهار جي ڪتاب مان جيڪي توڏانهن

مِنۡ كِتَابِ رَبِّكَ ؕ لَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِهٖ ۚ قف وَلَنۡ تَجِدَ مِنۡ دُوۡنِهٖ مُلۡتَحَدًا ﴿٢٧﴾

تنهنجي رب جي ڪتاب مان ناهي ڪوئي بدلائيندڙ ان جي قولن کي، ۽ هرگز نہ لهندين تون انهيءَ کانسواءِ ڪا جاءِ پناهہ.

وحي ڪيو ويو سو پڙهہ سندس حڪم کي ڪا ڦيرڦار نہ آهي، ۽ اُن کان سواءِ تون ڪا واهہ نہ لهندين.

وَاصۡبِرۡ نَفۡسَكَ مَعَ الَّذِیۡنَ یَدۡعُوۡنَ رَبَّهُمۡ بِالۡغَدٰوةِ وَالۡعَشِیِّ

۽ بند ڪر پنهنجو پاڻ کي گڏ انهن سان جيڪي سڏين ٿا پنهنجي رب کي صبح ۽ شام

۽ پاڻ کي اُنهن سان صبر ۾ رک جيڪي پنهنجي پالڻهار کي صبح ۽ سانجهيءَ جو ياد ڪندا آهن، سندس رضامندي گهرندا

یُرِیۡدُوۡنَ وَجۡهَهٗ وَلَا تَعۡدُ عَیۡنٰكَ عَنۡهُمۡ ۚ تُرِیۡدُ زِیۡنَةَ الۡحَیٰوةِ الدُّنۡیَا ۚ

چاهين ٿا انهيءَ جو رضامندو ۽ نہ ڦرن تنهنجون نگاهون انهن کان چاهين ٿو رونق دنيا جي زندگي جي،

آهن ۽ (گهرجي تہ) تنهنجون اکيون دنيا جي حياتيءَ جي سينگار جو ارادو رکي اُنهن (ياد ڪندڙن) کان (هٽي پاسي) نہ واجهائين.

وَلَا تُطِعۡ مَنۡ اَغۡفَلۡنَا قَلۡبَهٗ عَنۡ ذِكۡرِنَا وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ وَكَانَ اَمۡرُهٗ

۽ نہ چيو وٽ ان جو جنهنجي دل کي غافل ڪيوسون پنهنجي ذڪر کان ۽ اهو ڪيڙلڳو پنهنجي خواهش کي ۽ آهي ڪم انجو

۽ اُنهيءَ جي فرمانبرداري نہ ڪر جنهن جي دل اسان پنهنجي ياد ڪرڻ کان غافل ڪئي ۽ پنهنجي خواهش جي پٺيان لڳو ۽

الثلثة

فُرُطًا ﴿٢٨﴾ وَقُلِ الۡحَقُّ مِنۡ رَّبِّكُمۡ قف فَمَنۡ شَآءَ فَلۡیُؤۡمِنۡ وَّمَنۡ شَآءَ

حد کان لنگهيل. ۽ چؤ تہ حق آيل آهي توهان جي رب کان، پوءِ جيڪو چاهي مڃي، ۽ جيڪو چاهي

سندس ڪم حد کان وڌيل آهي. ۽ چئو تہ، (اهو سخن) اوهان جي پالڻهار وٽان (آيل) سچ آهي، پوءِ جنهن کي وڻي

فَلۡیَكۡفُرۡ ۙ اِنَّاۤ اَعۡتَدۡنَا لِلظّٰلِمِیۡنَ نَارًا ۙ اَحَاطَ بِهِمۡ سُرَادِقُهَا ؕ وَاِنۡ

نہ مڃي، بيشڪ اسان تيار ڪئي آهي ظالمن لاءِ باهہ ويڙهي ويندا انهنکي ان جا پردا، ۽ جيڪڏهن

سو ايمان آڻي ۽ جنهن کي وڻي سو نہ مڃي. اسان ظالمن لاءِ باهہ تيار ڪئي آهي ۽ اُن جا پردا انهن کي ويڙهيندا، ۽

یَّسۡتَغِیۡثُوۡا یُغَاثُوۡا بِمَآءٍ كَالۡمُهۡلِ یَشۡوِی الۡوُجُوۡهَ ؕ بِئۡسَ الشَّرَابُ ؕ وَ

رڙندا پاڻي لاءِ تہ ملندن پاڻي جهڙو ٽامو ڳهريل، پچندو مُنهن کي، ڏاڍو بڇڙو آهي اهو پاڻي، ۽

جيڪڏهن فرياد ڪندا تہ انهن جي فرياد اهڙي پاڻيءَ سان ورنائي ويندي جو ڳهاريل ٽامي وانگر هوندو سندن منهن کي پُڇندو، اهو بڇڙو پيڻ آهي! ۽

سَآءَتۡ مُرۡتَفَقًا ﴿٢٩﴾ اِنَّ الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اِنَّا لَا نُضِیۡعُ اَجۡرَ

بري آهي جاءِ آرام جي، بيشڪ جن ايمان آندو ۽ ڪيا چڱا ڪم اسين نہ وڃائيندا سون ثواب

بڇڙو آرام جو هنڌ آهي!. بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تہ جنهن چڱو ڪم ڪيو آهي، تنهن جو اجر اسين

مَنْ اَحْسَنَ عَمَلًا ۚ﴿٣٠﴾ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهِمُ

ان جو جنهن ڀلو ڪم ڪيو. انهن لاءِ آهن باغ ٽڪڻ لاءِ وهنديون انهن هيٺان

نہ وڃائيندا آهيون. اِهي (اهي) آهن جن لاءِ (بهشت) عدن جا باغ آهن جن جي هيٺان نهرون

الْاَنْهٰرُ يُحَلَّوْنَ فِيْهَا مِنْ اَسَاوِرَ مِنْ ذَهَبٍ وَّيَلْبَسُوْنَ ثِيَابًا

واهيون پارايا ويندا اتي ڪنگڻ سون جا ۽ پهريندا ڪپڙا

وهنديون آهن. منجهن سونن ڪنگڻن جا زيور انهن کي پارايا ويندا ۽

خُضْرًا مِّنْ سُنْدُسٍ وَّاِسْتَبْرَقٍ مُّتَّكِـِٕيْنَ فِيْهَا عَلَى الْاَرَآئِكِ ۭ نِعْمَ

ساوا سنهي پٽ جا ۽ ٿلهي ريشم جا ٽيڪون ڏيندڙ هوندا اتي پلنگن تي. تمام ڀلو آهي

سُندس ۽ استبرق پٽ جي ساوي پوشاڪ ڍڪيندا، اتي تختن تي تڪيو لائي ويهندا. اِهو بدلو

الثَّوَابُ ۭ وَحَسُنَتْ مُرْتَفَقًا ﴿٣١﴾ۧ وَاضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلًا رَّجُلَيْنِ جَعَلْنَا ع ٩ ١٦

بدلو. ۽ ڀلي آهي جاءِ آرام جي. ۽ ٻڌاءِ انهنکي مثال ٻن ماڻهن جو ڏناسون

ڀلو آهي. ۽ آرام جي جاءِ بہ ڀلي آهي!. ۽ (اي پيغمبر!) ڪين ٻن ماڻهن جو قصو بيان ڪر. انهن مان هڪڙي لاءِ

لِاَحَدِهِمَا جَنَّتَيْنِ مِنْ اَعْنَابٍ وَّحَفَفْنٰهُمَا بِنَخْلٍ وَّجَعَلْنَا

ٻنهي مان هڪڙي کي ٻہ باغ انگورن جا. ۽ اسان ڪيون چوڌاري انهن جي کجيون ۽ ڪئي سون

انگورن جا ٻہ باغ پيدا ڪيا هئاسون ۽ انهن جي چوڌاري کجيون پيدا ڪيون هيون سون ۽

بَيْنَهُمَا زَرْعًا ﴿٣٢﴾ؕ كِلْتَا الْجَنَّتَيْنِ اٰتَتْ اُكُلَهَا وَلَمْ تَظْلِمْ مِّنْهُ شَيْـًٔا ۙ وَّ

ٻنهي ۾ اندر پوک. ٻنهي باغن ڏنو ڦل پنهنجو ۽ نہ گهٽايائون ان مان ڪجهہ ۽

انهن جي وچ ۾ پوک پيدا ڪئي هئي سون. ٻنهي باغن پنهنجا ميوا پچايا ۽ منجهائن ڪجهہ گهٽ نہ ڪيائون

فَجَّرْنَا خِلٰلَهُمَا نَهَرًا ﴿٣٣﴾ۙ وَّكَانَ لَهٗ ثَمَرٌ ۚ فَقَالَ لِصَاحِبِهٖ وَهُوَ يُحَاوِرُهٗٓ

وهايوسون انهن جي وچ ۾ واهہ. ۽ ٿيو ان لاءِ ميوو، پوءِ چيائين پنهنجي سنگتي کي جڏهن ڳالهائي پيو ان سان

۽ انهن جي وچ ۾ واهہ وهايوسون. ۽ ان کي (گهڻو) ڦر مليو پوءِ پنهنجي سنگتيءَ سان ڳالهائيندي کيس چيائين تہ

اَنَا اَكْثَرُ مِنْكَ مَالًا وَّاَعَزُّ نَفَرًا ﴿٣٤﴾ وَدَخَلَ جَنَّتَهٗ وَهُوَ ظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ ۚ

آءٌ گهڻو آهيان توکان مال ۾ ۽ عزت وارو همراهن ۾. ۽ گهڙيو پنهنجي باغ ۾ هو ڏانهن ظلم ڪندڙ هئو پاڻ لاءِ.

آءٌ توکان مال ۾ وڌيڪ آهيان ۽ افرادن جي اعتبار کان (بہ) وڌيڪ طاقتور آهيان. ۽ پنهنجي باغ ۾ گهڙيو ۽ اهو پاڻ لاءِ ظالم هو،

قَالَ مَآ اَظُنُّ اَنْ تَبِيْدَ هٰذِهٖٓ اَبَدًا ﴿٣٥﴾ۙ وَّمَآ اَظُنُّ السَّاعَةَ قَآئِمَةً ۙ وَّ

چيائين آءٌ نہ تو ڀانيان تہ ويران ٿيندو هي باغ ڪڏهن بہ. ۽ نہ تو ڀانيان تہ قيامت قائم ٿيندي ۽

چيائين تہ مون کي هن (باغ) جي ناس ٿيڻ جو بلڪل ڪو گمان نہ آهي. ۽ نڪي قيامت جي قائم ٿيڻ جو مون کي ڪو

لَئِنۡ رُّدِدۡتُّ اِلٰى رَبِّىۡ لَاَجِدَنَّ خَيۡرًا مِّنۡهَا مُنۡقَلَبًا ﴿٣٦﴾ قَالَ لَهٗ صَاحِبُهٗ

جيڪڏهن رجوع ڪيو ويو مونکي پنهنجي رب ڏانهن تہ ضرور لهندس ان کان بهتر جڳهہ. چيو ان کي سندس ساٿيءَ

گمان آهي ۽ جيڪڏهن پنهنجي پالڻهار ڏانهن (ڪڏهن) موٽيس (بہ) تہ هن کان (بہ) ڀلي جاءِ ضرور لهندس. سندس سنگتيءَ ساڻس گفتگو

وَهُوَ يُحَاوِرُهٗۤ اَكَفَرۡتَ بِالَّذِىۡ خَلَقَكَ مِنۡ تُرَابٍ ثُمَّ مِنۡ نُّطۡفَةٍ

جڏهن اهو ڳالهائي پيو ڇا تون منڪر ٿيو آهين انهيءَ جو جنهن پيدا ڪيو توکي مٽيءَ مان پوءِ قطري مان

ڪندي کيس چيو تہ، جنهن توکي مٽيءَ مان بڻايو، وري نطفي مان وري سنئين لڱين مڙس ڪيائين، تنهن جو ڇو تو انڪار ڪيو؟.

ثُمَّ سَوّٰٮكَ رَجُلًا ﴿٣٧﴾ لٰكِنَّا۠ هُوَ اللّٰهُ رَبِّىۡ وَلَاۤ اُشۡرِكُ بِرَبِّىۡۤ اَحَدًا ﴿٣٨﴾ وَلَوۡلَاۤ

پوءِ بڻايائين توکي ماڻهو. پر آءٌ چوان ٿو تہ اهوئي الله منهنجو رب آهي ۽ آءٌ نہ ٿو شريڪ ڪريان پنهنجي رب سان ڪنهن کي. ۽ ڇو نہ

(آءٌ هيءَ ويساهہ رکندو آهيان تہ) منهنجو پالڻهار الله آهي ۽ آءٌ پنهنجي پالڻهار سان ڪوبہ شريڪ نہ ڪندس. ۽ جڏهن

اِذۡ دَخَلۡتَ جَنَّتَكَ قُلۡتَ مَا شَآءَ اللّٰهُ ۙ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ ۚ اِنۡ تَرَنِ اَنَا

جڏهن داخل ٿئين پنهنجي باغ ۾ چيئي تہ جيڪي گهري الله ناهي طاقت مگر الله جي، جيڪڏهن تون ڏسين ٿو مونکي تہ آءٌ

تون پنهنجي باغ ۾ گهڙين تڏهن ڇو نہ چيئي تہ ماشاءالله! (جيڪي الله گهريو سو ٿيڻو آهي) الله (جي مدد) کان سواءِ ڪا طاقت نہ

اَقَلَّ مِنۡكَ مَالًا وَّوَلَدًا ﴿٣٩﴾ فَعَسٰى رَبِّىۡۤ اَنۡ يُّؤۡتِيَنِ خَيۡرًا مِّنۡ جَنَّتِكَ

گهٽ آهيان توکان مال ۽ اولاد ۾. پوءِ اميد آهي تہ منهنجو رب ڏئي مونکي بهتر تنهنجي باغ کان

آهي، جيڪڏهن تون پاڻ کان مون کي مال ۽ اولاد ۾ گهٽ ڏسين ٿو تہ اُميد آهي جو منهنجو پالڻهار تنهنجي باغ کان ڀلو مون کي ڏئي

وَيُرۡسِلَ عَلَيۡهَا حُسۡبَانًا مِّنَ السَّمَآءِ فَتُصۡبِحَ صَعِيۡدًا زَلَقًا ۙ ﴿٤٠﴾ اَوۡ

۽ موڪلي انهيءَ تي ڪا آفت آسمان مان پوءِ ٿي وڃي ميدان صاف. يا

۽ اُن (تنهنجي باغ) تي آسمان کان ڪا آفت موڪلي، پوءِ ڦري صاف ميدان ٿي پوي. يا سندس پاڻي

يُصۡبِحَ مَآؤُهَا غَوۡرًا فَلَنۡ تَسۡتَطِيۡعَ لَهٗ طَلَبًا ﴿٤١﴾ وَاُحِيۡطَ بِثَمَرِهٖ فَاَصۡبَحَ

ٿي وڃي پاڻي اُن جو هيٺ پوءِ هرگز نہ سگهين تون اُن کي ڳولي. ۽ پئجي وئي آفت اُن جي ڦل تي پوءِ صبح سان

سُڪي وڃي پوءِ اُن کي ڪڏهن لهي نہ سگهين!. ۽ سندس ميوي کي ڇٽ ڪيو ويو پوءِ اُن (جي بڻائڻ) ۾ جيڪي خرچ ڪيو

يُقَلِّبُ كَفَّيۡهِ عَلٰى مَاۤ اَنۡفَقَ فِيۡهَا وَهِىَ خَاوِيَةٌ عَلٰى عُرُوۡشِهَا وَيَقُوۡلُ

ھٿني پيو پنهنجا هٿ انهيءَ تي جو خرچ ڪيائين اُن ۾ ۽ اهو اونڌو پيو هئو پنهنجي ڇپرن تي ۽ چوي پيو

هئائين تنهن تي پنهنجا هٿ مليندو رهيو ۽ اهو (باغ) پنهنجن (ٽاڪل) ڇپرن سميت ڪِريل هو ۽ چوندو رهيو تہ

يٰلَيۡتَنِىۡ لَمۡ اُشۡرِكۡ بِرَبِّىۡۤ اَحَدًا ﴿٤٢﴾ وَلَمۡ تَكُنۡ لَّهٗ فِئَةٌ يَّنۡصُرُوۡنَهٗ

هاءِ افسوس نہ شريڪ ڪريان ها پنهنجي رب سان ڪنهن کي. ۽ نہ هئو انکي ڪو جٿو جو مدد ڪن انهيءَ جي

افسوس آهي! پنهنجي پالڻهار سان ڪنهن کي شريڪ مقرر نہ ڪريان ها! (تہ چڱو هو). ۽ نڪي اُن لاءِ ڪا جماعت هئي جو

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَمَا كَانَ مُنْتَصِرًا ﴿۴۳﴾ؕ هُنَالِكَ الْوَلَايَةُ لِلّٰهِ الْحَقِّ ؕ

الله کان سواءِ ۽ نہ هئو کو بدلو وٺندڙ. اتي حکومت الله سچي جي آهي،

الله کان سواءِ کيس مدد ڏئي ۽ نکي (پاڻ) بدلي وٺڻ وارو هو. ان هنڌ سچي الله جي بادشاهي آهي. اهو ثواب (ڏيڻ) ۾ ڀلو

هُوَ خَيْرٌ ثَوَابًا وَّخَيْرٌ عُقْبًا ﴿۴۴﴾ع وَاضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۱۴ ۱۷

ان جو اجر ڀلو آهي ۽ ان جو بدلو ڀلو آهي. ۽ ٻڌاءِ انهنکي مثال دنيا جي حياتي جو

۽ بدلي ڏيڻ ۾ (بہ) ڀلو آهي. ۽ (اي پيغمبرا) انهن کي دنيا جي حياتيءَ جو مثال بيان ڪر جا انهيءَ پاڻيءَ وانگر آهي،

كَمَآءٍ اَنْزَلْنٰهُ مِنَ السَّمَآءِ فَاخْتَلَطَ بِهٖ نَبَاتُ الْاَرْضِ فَاَصْبَحَ هَشِيْمًا

ان پاڻيءَ جهڙو آهي جنهن کي اسان لاٿو آسمان مان پوءِ گڏجن ٿا انهيءَ سان سلا ڌرتي جا پوءِ ٿي پون ٿا ذرا ذرا

جنهن کي آسمان کان وسايوسون پوءِ ان سان زمين جا سلا گهاٽا ڄميا، پوءِ ڦري ڀُريل ڪک ٿيا،

تَذْرُوْهُ الرِّيٰحُ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ مُّقْتَدِرًا ﴿۴۵﴾ اَلْمَالُ وَالْبَنُوْنَ

اڏارن ٿيون ان کي هوائون، ۽ الله آهي هر شيءِ تي قدرت وارو. ملڪيت ۽ پٽ

انهن کي وائن اڏايو. ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي. مال ۽ اولاد دنيا جي

زِيْنَةُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَالْبٰقِيٰتُ الصّٰلِحٰتُ خَيْرٌ عِنْدَ رَبِّكَ ثَوَابًا

سينگار آهن دنيا جي حياتيءَ جو، ۽ رهندڙ نيڪيون بهتر آهن تنهنجي رب وٽ ثواب لاءِ

حياتي جو سينگار آهي، ۽ سدائين رهندڙ چڱايون تنهنجي پالڻهار وٽ ثواب ڪري ڀليون

وَّخَيْرٌ اَمَلًا ﴿۴۶﴾ وَيَوْمَ نُسَيِّرُ الْجِبَالَ وَتَرَى الْاَرْضَ بَارِزَةً ۙ وَّ

۽ بهتر آهن اميد لاءِ. ۽ جنهن ڏينهن هلائينداسون جبلن کي ۽ ڏسندين ڌرتيءَ کي کليل ۽

۽ اميد ڪري چڱيون آهن. ۽ (ياد ڪر) جنهن ڏينهن جبلن کي هلائينداسون ۽ زمين کي صفا پٽي ڏسندين ۽

حَشَرْنٰهُمْ فَلَمْ نُغَادِرْ مِنْهُمْ اَحَدًا ﴿۴۷﴾ج وَعُرِضُوْا عَلٰى رَبِّكَ صَفًّا ؕ

گڏ ڪنداسون انهن کي پوءِ نہ ڇڏينداسون انهن مان ڪنهن کي. ۽ پيش ڪيا ويندا تنهنجي رب وٽ قطار ٻڌائي،

ماڻهن کي گڏ ڪنداسون، پوءِ منجهانئن ڪنهن هڪ کي نہ ڇڏينداسون. ۽ (اهي) تنهنجي پالڻهار وٽ صفون ڪري پيش ڪيا ويندا. (چوندا سون

لَقَدْ جِئْتُمُوْنَا كَمَا خَلَقْنٰكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍۭ ز بَلْ زَعَمْتُمْ اَلَّنْ نَّجْعَلَ

توهان اچي ويا آهيو اسان وٽ جيئن پيدا ڪيوسون توهان کي پهرين ڀيري پر اوهين ڀائيندا هئا تہ اسان هرگز نہ ڪنداسون

ڌ) جهڙي طرح اوهان کي پهرين ڀيرو پيدا ڪيو هوسون (تهڙيءَ طرح) اسان وٽ آيا آهيو بلڪ ڀائيندا هيو تہ اوهان جي لاءِ انجام (جو هنڌ) نہ ڪنداسون.

لَكُمْ مَّوْعِدًا ﴿۴۸﴾ وَوُضِعَ الْكِتٰبُ فَتَرَى الْمُجْرِمِيْنَ مُشْفِقِيْنَ مِمَّا

توهان لاءِ ڪو انجام. ۽ رکيو ويندو دفتر پوءِ ڏسندين ڏوهارين کي ڊڄندڙن کان جيڪي

۽ اعمال نامو رکيو ويندو پوءِ جيڪي منجهس هوندو تنهن کان ڏوهارين کي ڊڄندڙ ڏسندين

فِيْهِ وَيَقُوْلُوْنَ يٰوَيْلَتَنَا مَالِ هٰذَا الْكِتٰبِ لَا يُغَادِرُ صَغِيْرَةً وَّلَا

ان ۾ آهي ۽ چوندا هاءِ افسوس کھڙو آهي هي دفتر نہ تو رهائي ننڍي ڳالھہ ۽ نکي

۽ چوندا تہ اسان لاءِ ارمان آهي! هن اعمال نامي کي ڇا ٿيو آهي جو نکي ننڍي (گناھ) کي ۽ نکي وڏي کي

كَبِيْرَةً اِلَّآ اَحْصٰىهَا ۚ وَوَجَدُوْا مَا عَمِلُوْا حَاضِرًا ۭ وَلَا يَظْلِمُ رَبُّكَ

وڏي مگر ڳڻي تو انهي کي، ۽ ڏسندا جيڪي عمل ڪيائون سامهون، ۽ نہ ظلم ڪندو تنهنجو رب

ڳڻائي کان سواءِ ڇڏيو اٿس، ۽ جيڪي ڪيائون سو حاضر لهندا، ۽ تنهنجو پالڻهار هڪڙي تي بہ ظلم نہ ڪندو.

اَحَدًا ﴿٤٩﴾ ع وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ۭ ع ١٨

ڪنهن تي. ۽ جڏهن چيوسون ملائڪن کي تہ سجدو ڪريو آدم ڏانهن پوءِ سجدو ڪيائون مگر ابليس،

۽ جڏهن ملائڪن کي چيوسون تہ آدم کي سجدو ڪريو. تڏهن ابليس کان سواءِ ٻين سجدو ڪيو، اهو جنن مان

كَانَ مِنَ الْجِنِّ فَفَسَقَ عَنْ اَمْرِ رَبِّهٖ ۭ اَفَتَتَّخِذُوْنَهٗ وَذُرِّيَّتَهٗٓ اَوْلِيَاۗءَ

اهو هئو جنن مان پوءِ نڪري ويو الله جي حڪم کان، ڇا پوءِ توهان وٺو ٿا انکي ۽ انجي اولاد کي دوست ڪري

هو. پوءِ پنهنجي پالڻهار جي حڪم جي نافرماني ڪيائين. پوءِ اوهين ڪيس ۽ سندس اولاد کي مون کان سواءِ

مِنْ دُوْنِيْ وَهُمْ لَكُمْ عَدُوٌّ ۭ بِئْسَ لِلظّٰلِمِيْنَ بَدَلًا ﴿٥٠﴾ مَآ اَشْهَدْتُّهُمْ

مون کان سواءِ ۽ اهي آهن توهانجا دشمن، بڇڙو آهي ظالمن لاءِ بدلو. مون نہ ڏيکاريو هئو انهن کي

ڇو دوست وٺندا آهيو؟ حالانڪ اهي اوهان جا ويري آهن. (شيطان) ظالمن لاءِ بڇڙو بدلو آهي. نکي

خَلْقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلَا خَلْقَ اَنْفُسِهِمْ ۠ وَمَا كُنْتُ مُتَّخِذَ

پيدا ڪرڻ آسمانن ۽ زمين جو ۽ نہ پيدا ڪرڻ سندن نفسن جو، ۽ ناهيان آءٌ وٺندڙ

آسمانن ۽ زمين جي بڻائڻ مهل انهن (شيطانن ۽ سندس اولاد) کي حاضر ڪيو هوم ۽ نکي کين پيدا ڪرڻ مهل ۽ نکي آءٌ

الْمُضِلِّيْنَ عَضُدًا ﴿٥١﴾ وَيَوْمَ يَقُوْلُ نَادُوْا شُرَكَاۗءِيَ الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ

گمراهن کي مددگار ڪري، ۽ جنهن ڏينهن فرمائيندو سڏيو منهنجي شريڪن کي جن کي توهان ڀائيندا هئا

گمراهن کي ٻانهن ٻيلي وٺندڙ آهيان. ۽ جنهن ڏينهن الله چوندو تہ (اي مشرڪؤا) اوهين انهن کي سڏيو جن کي منهنجا شريڪ ڄاڻندا هيو.

فَدَعَوْهُمْ فَلَمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَهُمْ وَجَعَلْنَا بَيْنَهُمْ مَّوْبِقًا ﴿٥٢﴾ وَرَاَ الْمُجْرِمُوْنَ

پوءِ اهي سڏيندا انهن کي تہ اهي جواب نہ ڏيندا انهنکي ۽ ڪنداسون انهن جي وچ ۾ هلاڪت جي جڳهہ. ۽ ڏسندا ڏوهاري

پوءِ انهن کي سڏيندا، پوءِ اهي کين ورندي نہ ڏيندا ۽ سندن وچ ۾ هلاڪت جو هنڌ ڪنداسون. ۽ ڏوهاري باھ کي

النَّارَ فَظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ مُّوَاقِعُوْهَا وَلَمْ يَجِدُوْا عَنْهَا مَصْرِفًا ﴿٥٣﴾ ع وَلَقَدْ ع ١٩

باھ کي پوءِ ڀائيندا تہ کين پوڻو آهي ان ۾ ۽ نہ لهندا ان کان موٽڻ جي واهہ. ۽ بيشڪ

ڏسندا پوءِ (پڪ) ڀانئيندا تہ اهي ان ۾ (اجهو) ڪرندا ۽ ڪانئس ڪا موٽڻ جي واھ نہ لهندا. ۽ بيشڪ

صَرَّفْنَا فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لِلنَّاسِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ ۭ وَكَانَ الْاِنْسَانُ اَكْثَرَ

دهرايوسي هن قرآن ۾ ماڻهن لاءِ هر مثال، ۽ آهي انسان سڀ کنهن

هن قرآن ۾ هر طرح جا مثال ماڻهن لاءِ بيان ڪياسون. ۽ انسان هر شيءِ کان وڌيڪ

شَيْءٍ جَدَلًا ۝٥٤ وَمَا مَنَعَ النَّاسَ اَنْ يُّؤْمِنُوْٓا اِذْ جَاۗءَهُمُ الْهُدٰى وَيَسْتَغْفِرُوْا

کان وڌيڪ جهڳڙالو. ۽ نه روڪيو ماڻهن کي جو ايمان آڻين جڏهن آئي انهن وٽ هدايت ۽ گناهه بخشائين

جهڳڙالو آهي. ۽ ماڻهن وٽ جڏهن هدايت آئي تڏهن کين ايمان آڻڻ ۽ پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهرڻ کان،

رَبَّهُمْ اِلَّآ اَنْ تَاْتِيَهُمْ سُنَّةُ الْاَوَّلِيْنَ اَوْ يَاْتِيَهُمُ الْعَذَابُ قُبُلًا ۝٥٥

پنهنجي رب کان مگر هن ڳالهه ته اچي انهن وٽ طرح اڳين جي يا اچي انهن وٽ عذاب سامهون.

هن ڳالهه کان ٻيو ڪنهن نه جهليو جو اڳين جي رسم (جهڙي پاڙ پٽ سزا) وٽن اچي يا وٽن سامهون عذاب پهچي.

وَمَا نُرْسِلُ الْمُرْسَلِيْنَ اِلَّا مُبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ ۚ وَيُجَادِلُ

۽ نه ٿا موڪليون رسولن کي مگر خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري، ۽ جهڳڙو ڪن ٿا

۽ پيغمبرن کي رڳو خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليون ٿا. ۽ ڪافر ڪوڙو جهڳڙو هن لاءِ ڪندا آهن

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِالْبَاطِلِ لِيُدْحِضُوْا بِهِ الْحَقَّ وَاتَّخَذُوْٓا اٰيٰتِيْ وَمَآ اُنْذِرُوْا

ڪافر ڪوڙ تي جئن ترڪائن انهي سان حق کي ۽ ورتائون منهنجي آيتن کي ۽ انهن جي ڊيڄارڻ کي

ته ان سان سچ کي ٿيڙين، ۽ منهنجين نشانين کي ۽ جنهن سان ڊيڄاريا ويا تنهن کي ٺٺوڪ ڪري ورتائون.

هُزُوًا ۝٥٦ وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ ذُكِّرَ بِاٰيٰتِ رَبِّهٖ فَاَعْرَضَ عَنْهَا وَنَسِيَ

مسخري ڪري، ۽ ڪير وڌيڪ ظالم آهي انهيءَ کان جنهن کي سمجهائجن آيتون سندس رب جون پوءِ منهن موڙي انهن کان ۽ وساري ڇڏي

۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي، جنهن کي سندن پالڻهار جي نشانين سان نصيحت ڏني وڃي ته اُن کان منهن موڙي ۽

مَا قَدَّمَتْ يَدٰهُ ۭ اِنَّا جَعَلْنَا عَلٰي قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ يَّفْقَهُوْهُ وَفِيْٓ

جيڪي موڪليو انهنجي هٿن، بيشڪ اسان ڪياسون انهن جي دلين تي پردا ان جي سمجهڻ کان ۽ سندن

جيڪي سندس هٿن اڳي ڪري موڪليو سو وساري؟ اسان ان جي سمجهڻ کان سندن دلين تي پردا ڪيا ۽

اٰذَانِهِمْ وَقْرًا ۭ وَاِنْ تَدْعُهُمْ اِلَى الْهُدٰى فَلَنْ يَّهْتَدُوْٓا اِذًا اَبَدًا ۝٥٧

ڪنن ۾ ٻوڙاڻ، ۽ جيڪڏهن سڏيندين انهن کي هدايت ڏانهن ته هرگز نه ايندا هدايت تي انهيءَ وقت ڪڏهين به.

سندن ڪنن ۾ گهٻرائي (ٻوڙ) ۽ جيڪڏهن تون کين هدايت ڏانهن سڏين ته ان وقت سڌو رستو ڪڏهن به نه لهندا.

وَرَبُّكَ الْغَفُوْرُ ذُو الرَّحْمَةِ ۭ لَوْ يُؤَاخِذُهُمْ بِمَا كَسَبُوْا لَعَجَّلَ لَهُمُ

۽ تنهنجو رب بخشڻهار ٻاجهارو آهي، جيڪڏهن وٺ ڪري انهن کي سندن ڪئي تي ته جلد موڪلي ها

۽ تنهنجو رب بخشڻهار ٻاجهارو آهي، جيڪڏهن کين سندن ڪئي سبب پڪڙي ها ته انهن لاءِ عذاب تڪڙو

الۡعَذَابَ ؕ بَلۡ لَّهُمۡ مَّوۡعِدٌ لَّنۡ یَّجِدُوۡا مِنۡ دُوۡنِهٖ مَوۡئِلًا ﴿۵۸﴾ وَتِلۡكَ

عذاب. پر انهن لاءِ وقت رکيل آهي هرگز نہ لهندا ان کان پريان ڇوٽڪارو. ۽ اهي

موکلي ها! (نہ!) بلڪ انهن لاءِ انجام ٿيل آهي جو ان کان سواءِ ڪا واهہ نہ لهندا. ۽ اهي ڳوٺ آهن جو انهن کي

الۡقُرٰۤی اَهۡلَكۡنٰهُمۡ لَمَّا ظَلَمُوۡا وَجَعَلۡنَا لِمَهۡلِكِهِمۡ مَّوۡعِدًا ﴿۵۹﴾ وَاِذۡ قَالَ

ڳوٺ هلاڪ ڪيوسون انهن کي جڏهن ظالم ٿيا ۽ ڪيوسون انهن جي هلاڪت لاءِ وقت مقرر. ۽ جڏهن چيو

(تڏهن) ناس ڪيوسون جڏهن ظلم ڪيائون ۽ انهن جي ناس ڪرڻ لاءِ (هڪ) انجام مقرر ڪيوسون. ۽ (ياد ڪرا)

مُوۡسٰی لِفَتٰىهُ لَاۤ اَبۡرَحُ حَتّٰۤی اَبۡلُغَ مَجۡمَعَ الۡبَحۡرَیۡنِ اَوۡ اَمۡضِیَ حُقُبًا ﴿۶۰﴾

موسيٰ پنهنجي همراه کي تہ نہ رهندس جيستائين پهچان ٻن دريائن جي ميلاپ تي يا هلندو رهان ڪو زمانو.

جڏهن موسيٰ پنهنجي سنگتيءَ کي چيو تہ، سدائين پيو پنڌ ڪندس جيستائين ٻن دريائن جي گڏ ٿيڻ جي هنڌ پهچندس يا گهڻو وقت پيو هلندس.

فَلَمَّا بَلَغَا مَجۡمَعَ بَیۡنِهِمَا نَسِیَا حُوۡتَهُمَا فَاتَّخَذَ سَبِیۡلَهٗ فِی الۡبَحۡرِ

پوءِ جڏهن ٻئي پهتا ٻنهي جي ميلاپ تي تہ وساريائون پنهنجي مڇي پوءِ ورتو انهيءَ پنهنجو رستو درياءَ ۾

پوءِ جنهن مهل ٻن دريائن جي گڏ ٿيڻ جي هنڌ کي پهتا (تنهن مهل) پنهنجي مڇي وساريائون جنهن پنهنجي واٽ درياءَ ۾ سرنگهہ جيان ورتي.

سَرَبًا ﴿۶۱﴾ فَلَمَّا جَاوَزَا قَالَ لِفَتٰىهُ اٰتِنَا غَدَآءَنَا ۫ لَقَدۡ لَقِیۡنَا مِنۡ سَفَرِنَا

سرنگهہ ناهي. پوءِ جڏهن اڳتي هليا چيائين پنهنجي همراهہ کي آڻ اسان وٽ ڪاڌو اسان جو اسان ڏٺي آهي پنهنجي هن سفر

پوءِ جڏهن اڳتي هليا (تڏهن موسيٰ) پنهنجي سنگتيءَ کي چيو تہ، اسان کي پنهنجو منجهند وارو ڪاڌو ڏي! بيشڪ اسان جي هن

هٰذَا نَصَبًا ﴿۶۲﴾ قَالَ اَرَءَیۡتَ اِذۡ اَوَیۡنَاۤ اِلَی الصَّخۡرَةِ فَاِنِّیۡ نَسِیۡتُ الۡحُوۡتَ ۫

۾ ٿڪاوٽ. چيائين ڇا تون نہ ڏٺو جڏهن ويٺا هئاسون پٿر وٽ تہ مون وساري هئي مڇي

مسافريءَ ۾ اسان کي ٿڪ پهتو آهي. چيائين تہ. (نہ) ڏٺيءَ ڇا جڏهن پهڻ وٽ ترسيا هئاسون تڏهن مون (اتي) مڇي وساري

وَمَاۤ اَنۡسٰنِیۡهُ اِلَّا الشَّیۡطٰنُ اَنۡ اَذۡكُرَهٗ ۚ وَاتَّخَذَ سَبِیۡلَهٗ فِی الۡبَحۡرِ ٭ۖ

۽ نہ ويسر ڪرائي مون کان اها مگر شيطان جو ڳالهہ ڪريان ان جي، ورتائين دڳ پنهنجو درياءَ ۾

۽ ان جي يادگيري مون کان شيطان کان سواءِ ٻئي ڪنهن نہ وسارائي، ۽ پنهنجي واٽ درياءَ ۾ عجب طرح سان ورتائين.

عَجَبًا ﴿۶۳﴾ قَالَ ذٰلِكَ مَا كُنَّا نَبۡغِ ٭ۖ فَارۡتَدَّا عَلٰۤی اٰثَارِهِمَا قَصَصًا ﴿۶۴﴾ ۙ

عجيب نموني. فرمايائين اهوئي آهي جنهن جي ڳولا پيا ڪريون پوءِ موٽيا ٻئي پنهنجن رندن تي جاچيندي.

(موسيٰ) چيو تہ، اهو هنڌ اهو آهي جنهن کي اسين ڳوليون ٿا پوءِ هو پنهنجي پوئين پيرين ڳوليندا موٽيا.

فَوَجَدَا عَبۡدًا مِّنۡ عِبَادِنَاۤ اٰتَیۡنٰهُ رَحۡمَةً مِّنۡ عِنۡدِنَا وَعَلَّمۡنٰهُ مِنۡ لَّدُنَّا

پوءِ لڌائون هڪ ماڻهو اسان جي ٻانهن مان جنهن کي ڏني هئي سون رحمت پنهنجي طرفان ۽ سيکاريو هئوسون انکي پنهنجو

پوءِ منهنجن ٻانهن مان اهو ٻانهو لڌائون جنهن کي پاڻ وٽان رحمت ڏني هئي سون ۽ پاڻ وٽان ڪيس علم سيکاريو

عِلْمًا ﴿٦٥﴾ قَالَ لَهٗ مُوْسٰى هَلْ اَتَّبِعُكَ عَلٰٓى اَنْ تُعَلِّمَنِ مِمَّا عُلِّمْتَ
علم. چيو انکي موسيٰ ڇا هلان آءٌ توسان هن لاءِ تہ سيکارين مونکي انهيءَ مان جيکو سيکاريو ويو
هوسون. موسيٰ اُن کي چيو تہ، جي آءٌ تنهنجي سنگت ڪريان تہ جيڪا توکي سڌي واٽ سيکاري ويئي آهي، تنهن مان مون کي
رُشْدًا ﴿٦٦﴾ قَالَ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِيَ صَبْرًا ﴿٦٧﴾ وَكَيْفَ تَصْبِرُ عَلٰى مَا
توکي علم. چيائين تون هرگز نہ ڪري سگهندين مون سان گڏ صبر. ۽ ڪيئن صبر ڪندين اهڙي شيءِ تي جو
بہ سيکارين. (خضر) چيو تہ، تون مون سان صبر ڪري نہ سگهندين. ۽ جنهن جي توکي خبر ئي نہ آهي تنهن تي تون
لَمْ تُحِطْ بِهٖ خُبْرًا ﴿٦٨﴾ قَالَ سَتَجِدُنِيْٓ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ صَابِرًا وَّلَآ اَعْصِيْ
ناهي تنهنجي وس ان کي سمجهڻ. چيائين تون لهندين مونکي جيڪڏهن گهريو الله صبروارو ۽ نہ برخلافي ڪندم
ڪيئن صبر ڪندين؟. (موسيٰ) چيو تہ، جي الله گهريو تہ مون کي صبر ڪندڙ لهندين ۽ آءٌ تنهنجي ڪنهن حڪم جي نافرماني نہ
لَكَ اَمْرًا ﴿٦٩﴾ قَالَ فَاِنِ اتَّبَعْتَنِيْ فَلَا تَسْـَٔلْنِيْ عَنْ شَيْءٍ حَتّٰٓى اُحْدِثَ
تنهنجي حڪم جي. چيائين جيڪڏهن هلين تو مون سان تہ نہ پڇا ڪجانءِ ڪنهن شيءِ جي جيسين آءٌ پڌايان
ڪندس. (خضر) چيو تہ، جيڪڏهن منهنجي سنگت ڪرين تہ (ايستائين) مون کان ڪنهن ڳالهہ بابت نہ پڇج جيستائين (آءٌ) پاڻ
لَكَ مِنْهُ ذِكْرًا ﴿٧٠﴾ فَانْطَلَقَا وقفة حَتّٰٓى اِذَا رَكِبَا فِي السَّفِيْنَةِ خَرَقَهَا ط قَالَ ع ٩ ١١ ٢١
توکي ان جو بيان. پوءِ روانا ٿيا، آخر جڏهن چڙهيا ٻيڙيءَ ۾ تہ ٻِگائين ان کي، چيائين
تو سان اُن جو بيان (نہ) ڪريان، پوءِ ٻئي (اُٿي) هليا. تان جو جڏهن ٻيڙيءَ ۾ چڙهيا تڏهن (خضر) اُن کي سوراخ ڪيو. (موسيٰ)
اَخَرَقْتَهَا لِتُغْرِقَ اَهْلَهَا ج لَقَدْ جِئْتَ شَيْـًٔا اِمْرًا ﴿٧١﴾ قَالَ اَلَمْ اَقُلْ
تو ٻِگو انهيءَ ڪي جيئن ٻوڙين ان جي سواري کي. البت توکيو آهي ڪم اڻنگو. چيائين ڇا مون نہ چيو هئو
چيو تہ تو اُن کي انهيءَ لاءِ سوراخ ڪيو ڇا تہ ٻيڙيءَ وارن کي ٻوڙين؟ بيشڪ تو اڻنگو ڪم ڪيو. (خضر) چيو تہ، توکي نہ
اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِيَ صَبْرًا ﴿٧٢﴾ قَالَ لَا تُؤَاخِذْنِيْ بِمَا نَسِيْتُ وَ
تہ تون نہ ڪري سگهندين مون سان گڏ صبر. چيائين نہ وٺ ڪر مونکي منهنجي ويسر تي ۽
چيو هوم، ڇا تہ تون مون سان صبر ڪري نہ سگهندين. (موسيٰ) چيو تہ، جيڪي مون وساريو تنهن سببان مون کي نہ پڪڙ ۽
لَا تُرْهِقْنِيْ مِنْ اَمْرِيْ عُسْرًا ﴿٧٣﴾ فَانْطَلَقَا وقفة حَتّٰٓى اِذَا لَقِيَا غُلٰمًا فَقَتَلَهٗ لا
نہ پهچاءِ مونکي منهنجي ڪم ۾ سختي. پوءِ ٻئي هليا، تان جو جڏهن مليا هڪ ڇوڪر سان تہ ماري وڌائين انکي،
منهنجي ڪم ۾ مون تي سختي نہ وجهہ. پوءِ ٻئي هليا، تان جو جڏهن هڪ ڇوڪر کي مليا، تڏهن (خضر) اُن کي ڪُٺو.
قَالَ اَقَتَلْتَ نَفْسًا زَكِيَّةًۢ بِغَيْرِ نَفْسٍ ط لَقَدْ جِئْتَ شَيْـًٔا نُّكْرًا ﴿٧٤﴾
چيائين ڇا تو ماريو هڪ ماڻهو بي ڏوهہ کي بنا عوض، بيشڪ توکيو ڪم خراب.
(موسيٰ) چيو تہ، قصاص ڌاران بيگناهہ جان کي ڇو ڪُٺئي؟ بيشڪ تو خراب ڪم ڪيو.

